


سِڌو رَستو
(مورج منگهناڻيءَ ڏانهن خط)
سُندر ٻنگواڻي
هيرو هنڱوراڻي



First visit to Sindhu Youth Circle of Shri Murij Manghnani
alongwith Mrs. Kamla on 30-12-1984



Second visit on eve of Opening Ceremony of Murij Manghnani Gymkhana
at the hands of Shri Nari Gursahani alongwith other dignitaries
Barister Ashok Advani & Padma Bhushan Dr. L. H. Hiranandani &
Sai Teckchand Mirpuri on Ram Navmi Day Day05-04-1998



# سِـدو رَسـتو

## (مورج منگهناڻيءَ ڏانهن خط)

سُندر ڊنگواڻي

سُندر ڊنگواڻي
505/506، چيتانند ڪو-آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي،
اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن پرسان،
اُلهاسنگر - 421003
موبائيل : 9323707873

सिधो रस्तो

(दादा मूरज मंघनाणीअ ड॒ांहुं ख़त)

# سِڌو رَستو

**(دادا مورج منگهناڻيءَ ڏانهن خط)**


ليکڪ : **سُندر ڊنگواڻي**

ڇپائيندڙ : **سُندر ڊنگواڻي**

505/506، ڄيٺانند ڪو-آپريٽِو هائوسنگ سوسائٽي،

اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن پرسان،

اُلهاسنگر - 421003

موبائيل : 9323707873

ڇپيندڙ : **سُڌا آفسيٽ پرنٽرس ۽ گرافڪس**

25، پهريون ماڙ، پرنس مارڪيٽ،

فرنيچر بزار، اُلهاسنگر - 421 003

فون : 0251-2560465

ڇاپو : پهريون، سال 2017

قيمت : -/200 رپيا.


# Sidho Rasto

***(Letters to Dada Murij Manghnani)***


Author : **Sunder Dangwani**

Publisher : **Sunder Dangwani**
505 / 506, Jethanand Co-op. Hsg. Society,
Opp. Ulhasnagar Municipal Corporation,
Ulhasnagar - 421 003.
Mobile : 9323707873

Printer : **Sudha Offset Printers & Graphics**
25, 1st floor, Prince Market, Furniture Bazar,
Ulhasnagar - 421 003 Tel. : 0251 - 2560465

Edition : **First, Year 2017**

Price : **₹ 200/-**

اَرپيم

# دادا مورج منگهناڻيءَ

کي

سندس 90 جنم ڏِن (16/2/2017) تي

# ليکڪ جي قلم مان ....

سنڌو يوٿ سرڪل جي گولڊن جبلي 2012 ۾ هئي. سرڪل 50 سالن ۾ ڇا ڪيو آهي، اُن تي ڊاڪيومينٽري ٺهرائڻي هئي. ’سنڌو‘ مخزن ۾ فوٽا، اَحوال وجهڻو آهي، اُن لاءِ سڀ پُراڻا فائيل، رڪارڊ، مِنٽس بوڪ، فوٽا، ڊِي.وِي.ڊيز (DVDs) سڀ ڪجهه ڳولهڻو پيو. وري فيصلو ٿيو ماڊرن اي-سِي ڪانفرنس هال ڪرڻو آهي، جنهن ۾ آرٽ گئلري ٺهرائڻي هئي، جنهن ۾ فوٽن رستي سرڪل جي پنجاهه سالن جي سفر تي، جيڪو هڪ جهوپڙي سان چالو ٿيو ۽ اَڄ ماڊرن شاهي سنڌيت ڪلچرل سينٽر سان بيٺو آهي ۽ وري ’جن تي اَسان کي ناز آهي‘ جي سِري هيٺ دادا مورج جي 89 جنم ڏِن (فيبروري 2016) تي سيمينار. سڀ مٽيريل ۽ سڀ واقعا ۽ سڀ ٿيل گهٽنائون دماغ جي ڪامپيوٽر ۾ رهيون. اوچتو اَٺ ڏه مهنا اَڳ سيمينار جي وقت دماغ ۾ خيال اِسٽرائيڪ ٿيو تہ ڇو نہ دادا مورج سان، جنهن هن سرڪل کي هِن اوُچ تي آڻڻ ۾ حد کان وڌيڪ پنهنجي ۽ ٻين ساٿين جي مالي مدد وٺي ڏني ۽ هر موڙ تي منهنجي رهنمائي ڪئي، جنهن سان 1981 کان وٺي لکپڙه ڪري، روبرو ملاقاتون ڪري سنڌي سماج، سنڌي ٻولي، ڪلچر، ڊراما، ساهتيہ، آرٽ ۽ سنڌي سنسٿائن کي ڪيئن ٺاهجي تي ڪافي ڪجهه وَنڊيو. سنڌو يوَن آڊيٽوريم کان وٺي، سنڌيت ڪلچرل سينٽر جي شاهي بلڊنگ ٺهڻ تائين 32 سالن ۾ جيڪي مسئلا آيا، ٽڪليفون آيون، پوءِ مالي ۽ ٻيون وهنوارڪ، اُنهن کي مون روبرو ۽ خطن ذريعي ظاهر ڪيو آهي، اُنهن کي ڇو نہ ڪتابي صورت ۾ آڻي

سندس 90 جنم ڏِنِ جيڪو 16 فيبروري 2017 تي آهي، تہ ڪيس مان اَرپڻ ڪريان؟ جنهن مان سنڌي سماج کي بہ پتو پوي تہ سنسٿائون اِئين نہ نهنديون آهن، اُن لاءِ مالي مدد ۽ پريرڻا ڏيندڙ، قدم قدم تي سات ڏيندڙ مضبوط ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي، جو مورجمل مون لاءِ هئو ۽ آهي.

سنڌو يوٿ سرڪل، جيڪا اَڄ سنڌي ڪلچرل ڪيتر ۾ اَول نمبر سنسٿا رهي آهي تہ اُن ۾ دادا مورجمل منگهناڻيءَ جو خاص يوگدان ۽ هٿ آهي، اِن ۾ بہ رايا ناهن. مان ۽ منهنجا هي خط، جيڪي مون دادا کي لکيا آهن، اُن جو پختو ثبوت ٿا ڏِيَن. اِئين تہ سنڌالاجي ۽ ڪي قدر سيتا سنڌو يون ۽ ٻيون ڪافي سنسٿائون ڀارت ۾ ۽ دبئي ۾ دادا جي رهنمائي حاصل ڪري ڪافي مقام تي پهتيون آهن.

اِهو مون ڪڏهن خواب خيال ۾ بہ نہ سوچيو تہ دادا سان لکيل خط هاڻ ايڏي معنيٰ رکندا. 1981 کان 2013 تائين 32 سال، سراسري مون ٽي خط هر سال کيس Air Mail دبئي اَڊريس تي ڪيا هوندا ۽ ڪي E-Mail رستي موڪليا اَٿم. اُن کانپوءِ سلسلو نہ رهيو، ڪارڻ دادا جي ناساز طبيعت. اُن لکپڙه مان ڪن جو زيروڪس مون نہ رکيو يا فائيل نہ ڪيا آهن يا اِئين چوان هيٺ مٿي ٿي ويا يا ٿي سگهي ٿو 2005 جي آيل ٻوڏ ۾ ٻين اَهم سرڪل جي رڪارڊ سان ناس ٿي ويا. پر جيڪو ڪجهہ بچيو ۽ مون پڙهيو تہ مون کي لڳو تہ اِن ۾ سنڌو يوٿ سرڪل جي هِسٽري آهي. اَسان جي سنڌيت جي خوشبو آهي. ٻولي، ساهتيہ، ڊراما ۽ سنڌونگر جو داستان آهي ۽ اُن کان وڌيڪ آهي ڪنهن سنسٿا کي ناهڻ ۾ ڪنهن مضبوط ماڻهوءَ جو سات ۽ رهنمائي. مون ۾ جُنوُن هو، جواني هئي، وقت هو ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪجهہ سنڌي سماج لاءِ ڪرڻ جي پربل اِڇا. وسيلا نہ هئا، پئسو نہ هو، ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي پُشتي نہ هئي، جا مورجمل ڏني.

اَسان جي پاڻ ۾ سُني پيئي. هڪ دبئيءَ ۾، ٻيو سنڌونگر ۾ ۽ ٽيون ڳنڊيندڙ چندر منگهناڻي مُمبئيءَ ۾. هڪ آزمودگار بزنيسمين، ٻيو الڙ جوان، جنهن ۾ شڪتي تہ هئي پر پئسو ۽ آزمودو گهٽ. اِنهن ٻنهي ڳالهين ۾ دادا مورج منهنجي ڪافي مدد ڪئي. هر تڪليف روبرو ملاقاتن ۾ ۽ خطن رستي مون ظاهر ڪئي، جنهن ۾ دادا خوب مدد ڪئي آهي. هيترا سال 42 سال پد تي بہ ٽڪيو رهڻ ۽ اُهو بہ اِليڪشن سسٽم ۾ سؤلو ڪونہ آهي، اُن لاءِ گاڊ فادر ۽ مضبوط ساٿين جي ضرورت رهي ٿي، جيڪا دادا مورجمل جي رهي آهي ۽ ساٿين جو ساٿ بہ. مون کي ڪڏهن بہ ڪنهن بہ مسئلي ۾ اَڪيلو نہ ڇڏيائين. سانده ساٿ ۽ رهنمائي ڪئي اَٿائين، اِنڪري ئي مان هن سنسٿا کي اَول نمبر سنڌين جي سنسٿا بڻائي سگهيو آهيان.

ٻن شخص کي مون زندگيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ مڃيو آهي، جِن لاءِ مون کي اَتي شرڌا ۽ پيار رهيو آهي. جِن جو حڪم يا آديش مون لاءِ ايشور جو حڪم آهي، اُنهن ٻن مان دادا مورج هڪ آهن. ڪيتري قدر مان نباهيو آهي، پاڻ پڙهي اَمين ٿيو. خط پڙهي پهچ ڏجو يا SMS ڪجو.

هي ڪتاب دادا مورجمل کي سندس 90 جنم دن جي موقعي تي اَرپڻ ٿو ڪريان.

شڪرگذار آهيان سنڌو يوٿ سرڪل جي تمام ساٿين ۽ سهيوگين جو، جِن مون کي 43 سالن کان لڳاتار ساٿ ڏنو آهي ۽ هن ڪتاب لکڻ جو موقعو.

پنهنجي پراڻن کان بہ پياري لينان مُنهنجي شريمتي (Recently expired) جنهن منهنجي جنون لاءِ جوانيءَ جا حسين پل مونکي، پوءِ دِليو يا بي-دِليو ڏنا، جنهن سبب مان هيترو ڪاريہ ڪري سگهيس ۽ ٻارن جو پڻ، جن کي مان ايترو وقت نہ ڏيئي سگهيس جو ڏيڻ گهرجي. آفيس جي Immediate Boss شري اَنيل

ريڊيز جو ۽ سهيوڳي گڏ ڪندڙن جو، جن سرڪل جو ڪم آفيس ۾ ڪرڻ ۾ به مدد ڪئي ۽ اَڙچڻن تي اَکه پوت ڪئي. شڪرگذار آهيان شري چندر منگهناڻيءَ جو، جنهن دادا ۽ منهنجي وچ ۾ سمپرڪ ۾ پورو سات ڏنو. شري رام جئسنگهاڻيءَ جو، جنهن دادا ڏانهن مون پاران E-Mails ڪيا ۽ ڪاپي ڏنائين.

شڪرگذار آهيان شري نند ڇڳاڻيءَ جو، جيڪو هڪ بهترين ايڊيٽر آهي ۽ سنڌي ساهتيه جو ڳوڙهو گيان رکندڙ، تنقيدنگار، پرکه رکندڙ، سنڌو ۽ ڪونج جو ايڊيٽر، سنڌو يوٿ سرڪل جي زمين سان مُنڍ کان جُڙيل، دادا مورج کي به چڱيءَ طرح سُڃاڻندڙ ۽ سرڪل جي هر وڪاس ڪارين جو ۽ تڪليفن جو جيئرو جاڳندو شاهد، جنهن هِن ڪتاب جي مهاڳه لکڻ قبوليو آهي ۽ ڪتاب ۾ ناهڻ ۾ مدد پڻ ڪئي اَٿائين. شري منو چاولا جو، جنهن تمام گهٽ چُڪن (نه جي برابر) سان DTP ٺاهي آهي. سُڌا آفسيٽ (شري بپن هرياڻي) جو، جنهن ڪتاب جو ڪوَر ۽ ڪلر فوٽا پرنٽنگه ۽ ڪتاب جي سندرتا ۾ تمام جاکوڙ ڪئي ۽ آخر ۾ توهان سڀني پڙهندڙن جو، جيڪي پڙهي پنهنجا ويچار ظاهر ڪن ته اَڳتي لکان يا هِت ئي پاڻ کي وِرام ڏيان؟؟؟

**✍ سندر ڊنگواڻي**

**جنرل سيڪريٽري، سنڌو يوٿ سرڪل.**

موبائيل : 9323707873

خاص نوٽ : دادا مورج کي مورجمل سڏائڻ نه وڻندو هو، اِنڪري گهڻن جڳهين تي مورج ڪم آندو ويو آهي.

# مُهاڳ ...

نندي هوندي کان ٻُڌندا پيا اَچون تہ خط بہ اَڌ ملاقات آهي ۽ پَراوا خط نہ پڙهڻ گهرجن، بد اِخلاقي آهي. هاڻ اِليڪٽرانڪ ۽ موبائيل جي زماني ۾ خط نہ جهڙا ٿا لکجن. هر ڳالهہ موبائيل معرفت پڙهي - ٻُڌي يا مونهان منهن وارتالاپ ڪري سگهجي ٿو. اهو هنر بہ هو تہ هٿ اَکري پڙهي ڪي هنرمند لکڻ واري جو اَندر اوري سگهندا هئا، انهن جو سُڀاءُ - لڇڻ جو اَندازو لڳائي سگهندا هئا. هاڻ اهو نٿو ڪري سگهجي. ها، باقي شڪل ڏسي، منهن جا هاوَ-ڀاوَ پرکي - هٿن-پيرن ۽ بدن جي لوڏ لڇڪ مان اَڳلي جي اَندر ليئو پائڻ وارا اَجان آهن. ”منهن مُلان جو، اَکيون چور جون“، ”اَندر ٻاهر ساڳيو“، ”جهڙو منهن تهڙو موچڙو“، ”اَندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي“ وغيره پهاڪا بہ شايد انڪري ڪم آندا ويندا آهن.

اَڄڪلهہ عالمن - اَديبن - راجائن - مهاراجائن جا لکيل خط ڇپائي عوام آڏو ظاهر ڪجن ٿا، انهن کي پڙهڻ ۾ پڻ پولو ڪونہ آهي. مشهور شخصيتن کي جنهن نموني روزمره جي حياتيءَ ۾ سُڃاڻون ٿا، انهن جا خط سندن زندگيءَ جو ٻيو طرف پيش ڪندا آهن. ڪن جي حياتيءَ ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهن ٿا. هنن جي اَندر اُڌمن اَحساسن جي بخوبي واقفيت ملي ٿي. هنن ۾ ڪيتري تازگي، خوشبوءِ، سُڳنڌ آهي - واسي ٿو يا باسي ٿو. مڪمل پِڪچر سامهون اَچي وڃي ٿي.

خط پهچائڻ جي بہ دلچسپ تواريخ آهي. ”چندرگپت موريا

- عيسوي سن کان ٽي سؤ سال اَڳ ڀارت ۾ ٽپال لاءِ جدا ڪاتو ڪوليو هو. هن روڊ-رستا ٺهرايا. رستن تي ميلن جا پٿر هڻايا. سندس قابل وزير ڪوٽليه (Kautilya) پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”اَرٿ شاستر“ ۾ ٽپال ڪاتي جي ملازمن جون پگهارون به لکيون آهن.“

”شير شاه جي سڌارن ۾ روڊ-رستا خاص مقام ماڻين ٿا. ان وقت خط جي عام رفتار هڪ ڏينهن ۾ ٽي سؤ ميل هوندي هئي.“ (زنده تاريخ جا زنده خط - ڪليم لاشاري)

”اَنگريزن هندستان ۾ 1852ع کان باقاعدي ٽپال-پوسٽ سنڌ مان چالو ڪئي.“ ٽڪي وارو پوسٽ ڪارڊ سڄي هندستان ۾ ڪٿي به موڪلي سگهبو هو. اُن کي ڏسي 20 صديءَ ۾ ڏيروپائي اَنباڻي ڪُلي عام چيو ته موبائيل معرفت مان ٽڪي ۾ ٻن ماڻهن کي ڳالهائڻ ڏيندس. ۽ هنن جي ٻارن اهو انجام رِلاينس معرفت پاڙيو آهي.

سنڌورڪين جو سنڌي ساهتيه-اَدب ڏانهن چاهه-رخ-لاڙو وڏيڪ آهي. هو سنڌي تعليم-ڪلچر ۽ سنڌيت لاءِ دل ڪولي مدد ڪندا آهن. هنن وٽ گُهرڻ وارن جي پرک ڪرڻ لاءِ پنهنجا ماڻ ماپا آهن. هڪ ڀيرو جي هو اَڳتي وڌيا ته توڙ تائين نڀائيندا. آداب ۽ اَدب جا ڪوڏيا. شري مورج منگهاڻي انهن ۾ اَول صف ۾ جاءِ والاري ٿو. خط پُڊائين ٿا ته هن جو گذريل 50 سالن کان سنڌو يوٿ سرڪل - اُلهاسنگر سان ناتو رهيو آهي. سنڌو جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ وک وڌي. سدا حيات ڪاڪا هري موٽواڻيءَ ڪانپوءِ جڏهن ڪونج ڪڍڻ جو وارو آيو ته شري مورج منگهاڻي تمام صاف اَکرن ۾ چيو ته ”نند، محنت تنهنجي، باقي مالي توڙي اِخلاقي طرح گولڊن جبلي اَنڪ تائين مان ٻڌل.“ ۽ باقاعدي انجام پاڙيندو آيو. گولڊن جبلي ڪانپوءِ ڪيس ڪيل انجام کان آجو ڪيو. پر اهي رستا ڪو چڙهڻ جا آهن! اَڄ سوڌو ڪونج هلي پئي ٿي. سرڪل ۾ به شروع کان اَڄ سوڌو ٻَڌَلُ آهي. سُندر سان خاص دل اَٿس. سندس سچائي - محنت ۽ اورچائي ياءِ پئجي وئي اَٿس.

سيني خطن ۾ فقط هڪ ڳالهه آهي ... پئسا ڪپن. ڪڏهن سلئب لاءِ - ڪڏهن پٽ لاءِ تہ ڪڏهن پاسي وارو پلاٽ - وغيره، پر ڪڏهن بہ هن منهن نہ گُهنجايو. مورج منگهناڻيءَ جي دل ۾ ساهتڪارن لاءِ خاص جڳهہ آهي. پنهنجي پوٽيءَ جي شادي تي ممبئيءَ ۾ پاڻ روبرو نوتو ڏيڻ نڪتو هو. شاديءَ جي هال ۾ ليڪن - ساهتڪارن - ڪلاڪارن لاءِ خاص بندوبست هو. ڪي اَڻوسرندڙ ڳالهيون آهن.

سندر سان گڏ ڪم ڪندي 60 سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي. وٽس سنڌيت وارو جذبو ڏينهون پوءِ ڏينهن وڌندڙ آهي. ٻين جي مُنهن تي مُرڪ ڪيس خوشي بخشيندي آهي. وقت تي پنهنجي ڪيسي کي ڇهڪ ڏيڻ ۾ دير نہ ڪندو. هيترو وقت مورجمل کي حال اَحوال کان واقف پئي ڪندو آيو آهي. دانهن ڪوڪ ڪونہ آهي. هر خط ۾ مقصد کي اوليت آهي. ڪٿي ڪٿي دک جو غبار آهي پر اُهو هوا ۾ اُڏامي ٿو وڃي. ها، ايترو ضرور آهي تہ هي وَن ٿو وَن (one to one) آهن. ڪٻٽي - ڪوڏي ڪوڏي راند وَن ٿو وَن يا وَن ٿو آل ٿيندي آهي. سندس من ۾ ڪجهہ لڪائڻ لاءِ ڪونہ هوندو. سرخرو ٿيڻ لاءِ بہ ڪڏهن آتو ڪونہ رهيو آهي پر اُتساهہ ۽ گرمجوشيءَ ۾ هي سڀ ڪندو رهيو. پر مورجمل ان ڳالهہ ڏانهن بلڪل سجاڳ رهيو آهي.

سُندر کي هاڻ ٻين مان ڪم وٺڻ جو هنر هٿ اَچي ويو آهي. پنهنجو پاڻ سُجاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اُن سُجاڻپ کانپوءِ ماڻهو ڏرماتما ٿيو پوي. عيب-ثواب جي هن پتلي پنهنجي ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اَڄ هڪ شاهي بلڊنگ شهر جو شان آهي. سيني کي خبر آهي تہ سنڌو يوٿ سرڪل ۽ سندر هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن. هرڪو ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندو آهي. جوانيءَ جون حسين ۽ رنگين گهڙيون جيڪي هن سرڪل کي ناهڻ ۾ اَرپڻ ڪيون، اَڄ وياج سوڌو عوام پبلڪ ڪيس عزت جي روپ ۾ ڏيئي رهي

آهي. اهو ايمانداريءَ جو ڦل آهي.

سندر کو ليکڪ - ساهتڪار ڪونہ آهي ۽ نہ اُن ڳالھ ڏانهن سڄاڳ هو تہ هڪ ڏينهن هي خط ڇپائيندس. هنن ۾ ڪابہ ڻاهہ ٺوهہ ڪونہ آهي. سڌو طالبو آهي. پر سنڌي ساهتيہ ۾ هي ڪتاب اِضافو ضرور آهي. هڪ نئين ليکڪ جي داخلا آهي. اُميد تہ هاڻ پنهنجيون يادگيريون لکڻ لاءِ بہ سڌو رستو ڳولهيندو.

هر خط ۾ نالي گڏ اَدب آداب آهي - ايشور در سالم صحت لاءِ عرض آهي. ڪٿي مورچ - ڪٿي مورجمل - اَڄ سوڌو مورجمل صحيح بہ مورچ سان ڪندو آهي. ور ور چوندو تہ مورچ لکو. گل ڪي کھڙي بہ نالي سان سڏيو، رهندو گل ئي. خوشبوءِ سان وايومنڊل واسي ڇڏيندو. ان مان لکندڙ جي فضيلت - خوش خلقي ظاهر آهي. ٻنهي ڌُرين جي نماڻائي آهي. پريشان ٿيڻ جو ڪوبہ سبب ڪونہ آهي.

## ✍ نند ڇڳاڻي

(قلم تازو) هن ڪتاب جو ڪَوَر پيج (چِتر) جڳہ مشهور آرٽسٽ شري هيرو هنگوراڻي عمر 91 سال - سک ۽ پيار مان ڪڍيو آهي.

23-11-1982 ✍

پريہ دادا مورج منگھناڻي،

آشا آهي تہ ڀڳوان جي ديا سان توهين خوش پرسن هوندا. توهانکي ڏياريءَ جون واڌايون. شل هميشه توهين ترقيِ ڪندا رهو. وڌيڪ تہ مون توهان کي 5 نومبر خط پوسٽ ڪيو هو، جنهن ۾ سرڪل جي سنڌو ڀوَن آڊيٽوريم جي مهورت جي باري ۾ لکيو هو. اُميد تہ توهان کي ليٽر ضرور مِليو هوندو. مون لکيو هو تہ اَسين آڊيٽوريم جو مهورت 29 جنوريءَ تي رکيو آهي. سرڪل جيِ ۽ مُنهنجيِ شخصيِ اِها دِلي تمنا آهي تہ اِهو شرف توهان کي مِلي. ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل جنرل باڊيءَ ۾ مون کي توهانکي اِن شرف ڏيڻ جي پوري موڪل پڻ ملي آهي. پر توهان وٽان ڪو اَجان تائين جواب نہ آيو آهي. پروگرام جون تياريون اَسان هِت ڪرڻ شروع ڪيون آهن. توهان جي تاريخ ۾ ڦيرڦار چاهيو تہ اَسين ڪنداسين.

توهان جو هميشه اَسان سان ساٿ رهندو، اَهڙي پڪ اَٿم. مُنهنجي توهانکي وينتي آهي تہ توهين هِڪوار سوچي مون کي جواب جلد موڪليندا تہ ڏاڍو مون لاءِ سهوليت وارو ٿيندو.

توهانجي جواب جي اِنتظار ۾،

**سُندر ڊنگواڻي.**

آنرري سيڪريٽري.

### دادا وٽان پهچ ـ

29-11-1982

پيارا سُندر،

خط توهانجا ٻہ 5 ۽ 23 نومبر جا پهتل آهن ۽ مونکي معاف ڪجانءِ جو مان توهانجي 5/11 خط جو جواب توهانکي بروقت ڪونہ ڏيئي سگهيس.

توهانجي سرڪل جي وڏي مهرباني جو توهانجي آڊيٽوريم جي اُدگهاٽن جو شرف مونکي ڏيڻ ٿا چاهيو. پر مان اَڃان پاڻ کي اُنهيءَ لائق ڪونہ ٿو سمجهان.

توهانجي جذبات جو مونکي هميشهہ اَحساس رهندو پر مان چاهيندس تہ اِهو شرف ڪنهن نشڪام سچي شيواڌاريءَ کي مِلڻ گُهرجي ۽ مِنسٽرن وغيره جي بدران جي ڪنهن لائق سِنڌيءَ کان اِهو ڪرايو تہ بهتر ٿيندو.

لائق سنڌي بہ پاڻ وٽ تہ گهٽيئي آهن پر ہ نالا مونکي يڪدم ڌيان ۾ آيا آهن، جن بِنهي لاءِ مونکي ڏاڍي عزت ۽ شرڌا آهي ۽ جن بِنهي پنهنجي سڄي جيون ديش ۽ جاتيءَ جي شيوا ۾ گُذاري آهي ۽ اَڄ بہ پنهنجو سڄو وقت اُنهن ڪارڻ پُنيان ڏيئي رهيا آهن.

(١) دادا شيوڪ يوڄراج - ٻاپو ڳانءُ (ڳوٺ) وارو.

(٢) دادا هوندراج دکايل - آديپور وارو، جيڪو پڻ مان سمجهان ٿو تہ ڳانڌيڌام وچڻ کان اَڳہ پهرين اُلهاسنگر ۾ ٿي رَهندو هو.

(٣) شري ڪشنچند ٿي. شهاڻي - بمبئيءَ وارو. هِن خط لکندي ٿيون اِهو نالو مونکي ڌيان ۾ آيو. هيءُ آدمي اَٽڪل ٿيهہ لک رُپيا جُدا جُدا سنڌي سنسٿائن کي هيلتائين ڏيئي چُڪو هوندو پر تہ بہ ٿورن سنڌين هن جو نالو ٻُڌو هوندو، ڇاڪاڻ تہ هيءُ بہ مشهوريءَ کان هميشهہ پَري ڀڄندڙ آهي.

توهان ۽ رام ڪشن آڏواڻي (راهيءَ) منهنجي لاءِ جيڪو قُرب ڏيکاريو آهي، سو مونکي هميشهہ ياد رَهندو ۽ مونکي مهرباني ڪري معاف ڪندا جو توهانجي خواهش پوُري ڪونہ ٿو ڪَري سگهان. اَٽڪل 24-23 ڊسمبر اِنديا اَٽڪل 10-8 ڏينهن لاءِ اِيندو آهيان ۽ توهانکي ڪولابا بہ فون ڪري ڳڏجندس. مُنهنجو بمبئيءَ جو فون نمبر آهي 466820-458011.

توهانجو،

**موُرج.**

## دادا وتان پهاچ -

28-12-1983

پيارا سُندر،

خط توهانجا 3 پهتل آهن ۽ مهرباني ڪري معاف ڪجانءِ جو جواب تمام دير سان ڏيئي رهيو آهيان. ڪيترِي ڪوشش ڪندي به خطن لکڻ جي سُستي اَصل وجي ڪونه ٿي.

آڊيٽوريم جو ڪُجهه حصو اِسپورٽس ڪِلب لاءِ ڪتب آندو پيو وجي، سو پڙهي خوشي ٿي جو چئو ٿا ته سَچي اَلهاسنگر ۾ صرف اِها هڪ اِسپورٽس ڪلب آهي. خبر نه آهي ته سوشل ڪم ڪندڙن جي ڌيان تي، اِها ضرورت ڇو ڪونه آئِي نه ته اها هر ايراضيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هُئڻ گُهربِي هُئِي ۽ هيلتائين گهٽ ۾ گهٽ پنج هُئڻ کپنديون هيون. ورِي به سٺو جو اِنهيءَ اِسپورٽس ڪلب چالو ڪرڻ جو پهريون شرف به توهانجي سرڪل کي مِليو آهي.

فيبروريءَ ۾ توهان سرڪل جو چئرٽيِ شو ۽ آڊيٽوريم جو اُدگهاٽن ڪرڻ جو ويچار ڪري رهيا آهيو، سو تمام سُٺو. منهنجو شايد 16-15 فيبروريءَ ڌاري اِنديا اَچڻ جو هفتي کن جو پروگرام ٿهي پر پورِي پڪ مان 15 جنوريءَ ڪانپوءِ ئي ڏيئي سگهندس. جيئن ئي پروگرام ٺهيو ته مان اَوهانکي بروقت پڪو پروگرام لکندس.

توهانجي مون ڏانهن شرڌا ۽ قُرب جو قدر ڪندي به اِها وينتي ڪندس ته توهان پنهنجي اُدگهاٽن ۾ گهڻي دير نه وِجهو ۽ مان جي فيبروريءَ تي نه به اَچِي سگهان ته اِهو اُدگهاٽن جو ڪم لاهي ڇڏيو. باقي مان توهانجي سرڪل کي هرڪا گُهربل مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ گود ۾ ڪٽڻ لاءِ به تيار آهيان. پر گود ۾ ڪٽڻ ڇا ٿيندو آهي ۽ مون مان ڪهڙِي اُميد رکِي ويندِي سو مهرباني ڪري لِکِي موڪليندا.

توهان ڏُبئيءَ جي ڪِن سڄڻن کي contact ڪيو هو پر پورو response ڪونه مِليو، سو نوٽ ڪيم. ڏبئيءَ جا شاهوُڪار سنڌي سينيون ڳڻجن، اُنهن مان اهي سڀ هئا. خئر، هينئر جيئن ته توهان وري چئرٽي شو فيبروريءَ ۾ ڪري رهيا آهيو ته ضرور اَپيلوُن وغيره ڇپائيندا. مونکي پڻ اُهي اَپيلوُن، ڊونيشن وغيره جا فارم موڪلي ڏيندا ته مان پڻ ڪوشش ڪندس.

سرڪل هن پيري بِنان ڪنهن چونڊ جي، يڪراءِ اَوهانکي سيڪريٽري ڪيو، سو پڙهي خوشي ٿي. اِهو اَوهانجي لڳن، محنت ۽ اُتساه جو ڦل آهي ۽ سرڪل جي بانيڪارن به ثابت ڪيو آهي ته هنن کي به سچن ۽ لائق ماڻهن جو قدر آهي. مان اَوهانجي سرڪل جي ميمبرن کي به سندن هن قدرشناسيءَ لاءِ داد ٿو ڏيان، جو 15 آگسٽ عام جشن ۾ اَوهانجو سنمان ڪيو اَٿن.

جِئن مٿي لکيو اَٿم ته توهانجي سرڪل کي مان هرڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ چئرٽي شو جا فارم وغيره موڪلي ڏجو. توهان هيترا سال محنت ڪري آڊيٽوريم ته ٺاهيو آهي پر هر سال اُن جي Maintenance ۽ Expansion لاءِ پئسو کپندو. تنهنڪري هر activity لاءِ توهانکي واجبي چارجز رکڻ گُهرجن، جِئن ڪُجهه اِنڪم ھُجي.

منهنجي لاءِ ٻِي پڻ ڪا شيوا هُجي ته ضروُر لِکِي موڪلجانءِ. نئين سال جون توکي واڌايون هُجن. اُميد ته 1984 سال پنهنجي مُلڪ ۽ سنڌي جاتيءَ لاءِ سُنو ثابت ٿيندو ۽ توهانجو سرڪل پڻ هن سال ۾ سُٺي ترقي ڪندو.

سِڪ ۽ سنيهه مان،

تُنهنجو **موُرج.**

قلم تازو: اَسانکي وقت به وقت ڏُبئيءَ لاءِ اِسٽاف جي ضرورت پيئي پونديِ آهي، توهانکي ڪڏهن به ڪي سُٺا آدمِي recommend

ڪرڻا ھُجن تہ سندن فارم ڀرائي اَسانکي موڪلي ڏيندا تہ جئِن جئِن اَسانکي ضرورت هوندي تيئن کين ڪٺنداسون. اَسانجي بمبئي آفيس سندن اِنٽرويوُ وَٺي سندن test وَٺندي ۽ اَسانکي رِپورٽ موڪليندي ۽ پوءِ اَسين فيصلو ڪندا آهيون. اُميدوار گرئجوئيٽ (Prefferably B.Com.) ھُئڻ گُهرجن ۽ کين Typing ۾ سُٺي speed ھُئڻ گُهرجي ۽ Independent Correspondence جي ڄاڻ ھُجي. اَڪائونٽس بہ اِيندا هوندس تہ اُها اَئڊيشنل ڪُواليِفڪيشن آهي. سندن پاسپورٽ Ready ھُئڻ گُهرجي. نموني طور بہ فارم هن خط گڏ موڪليا آهن. هرهڪ candidate کي فارم Duplicate ۾ ڀري موڪلڻو آهي. توهانکي جي ٻيا فارم کپن تہ M/s. K.A.J. Chotirmall & Co. جي آفيس يا چندر کان وَٺندا، جنهنجو ڪارڊ هِن خط گڏ موڪليو آهي.

## دادا وٽان پهچ -

10-01-1984

پيارا سُندر،

خط توهانجو 4/1 جو پهتو. مهرباني.

مان ڏِسان ٿو تہ مُنهنجو فيبروريءَ ۾ بہ اِنديا اَچڻ ڪونہ ٿي سگهندو، تنهنڪري توهان مهرباني ڪري پنهنجي پروگرام موجب اُدگهاٽن ۽ چيٽرٽي شو ڪَريو ۽ منهنجو جڏهن بہ اِنديا اَچڻ ٿيو تہ توهان سان ٽائيم رکِي توهانجو سرڪل ڏسندس اَچِي.

مان اِها پڻ اَوهانکي خاطرِي ٿو ڏيان تہ توهانجي سرڪل کي هر گُهربل مدد لاءِ پوُرِي ڪوشش ونندس، جئِن 'سنڌو يوٿ سرڪل' جو نالو بہ اُلهاسنگر جي ٽاپ سنسٿائن جي لِسٽ ۾ فخر سان کنيو وڃي. توهانجا اَئڊورٽائيزمينٽ فارمس جيئن پهچندا تہ ڪوشش وَٺي ڪُجهہ اَئڊورٽائيزمينٽ وَٺي توهانکي موڪلي ڏيندس.

توهان لکيو تہ سرکل سان لڳولڳ هڪ هزار وال پلاٽ آهي، تنهن ۾ مُنهنجي صلاح آهي تہ هينئر جيڪو چئرتي شو ٿا ڪَريو يا سوينئر ٿا ڇَپايو، تنهن ۾ توهانجو مُکيہ مقصد هُئڻ گُهرجي تہ اِهو پلاٽ ضرور خريد ڪري ڇڏيون. هينئر صرف خريد ڪَريو ۽ اُنهيءَ کي ڇا ڪَرڻو آهي، اُهو اَڳيان سوچيو ويندو. پلاٽ ۽ زمينون ٽاڻي سان مِلنديون آهن ۽ ناڻي سان هميشہ نہ بہ مِلنديون آهن، تنهنڪري توهانکي سرجوشي ڪري اِهو پلاٽ ضرور وَٺِي ڇڏڻ گُهرجي.

Employment Form مون چندر کي لِکيو هو تہ توهانکي موڪلي ڏي ۽ اُميد تہ هن خط پهچڻ تائين توهانکي پهچِي ويا هوندا. نہ تہ بہ توهانکي ڪوبہ لائق ڇوڪرو ڏيان ۾ هُجي تہ سندس Bio-Data مونکي موڪلي ڏيندا.

توهانجي سنڌو مخزن لاءِ سنديش پڻ هن خط گڏ موڪليا آهن. مُنهنجي لاءِ بِي پڻ ڪا شيوا هُجي تہ ضرور لکندا.

پيارن مان توهانجو،

**مورج.**

## دادا وتان پهاچ -

04-02-1984

پيارا سُندر،

خط تُنهنجو 20/1 جو پهتل آهي. اُنهيءَ کان اَڳ مون بہ بہ خط موڪليا آهن ۽ جن وتان پئسا مِليا آهن، اُنهن جا بئنڪ ڊرافت بہ توکي موڪليا اَٿم. اُنهن جون آفيشل رسيدون موڪلي ڏِجانءِ جِئن مان اُنهن کي ڏيئِي ڇڏيان. مان پنهنجو فوٽو پڻ هن خط گڏ موڪليو آهي.

مُنهنجو اَچڻ تہ ڪونہ ٿِي سگهندو. توهان دادا شيوڪ يوجراج

ڪي چيو آهي، سو اُميد تہ توهان اُنهن ڪي قبول ڪرائي سگهندا. دادا شيوڪ جهڙو اِنسان اَچي توهانجي آڊيٽوريم جو اُدگهاٽن ڪري تہ مان سمجهان ٿو تہ انهيءَ کان بهتر ڪم ٻيو نہ ٿي سگهندو.

جي دادا شيوڪ قبول نہ ڪري تہ ٻيو نيڪ اِنسان جيڪو يڪدم مونکي خيال ۾ اَچي ٿو، سو آهي شري ڪشنچند شهاڻي (ڪي. ٽي. شهاڻي) جي اُهو بہ نہ اَچي سگهي تہ پوءِ بلاشڪ توهانجو پريزيڊنٽ ۽ ڪاميٽي ٻيو ڪو نالو سوچي.

اَسانکي هن وقت وڏيڪ ماڻهن جي ضرورت ڪونہ آهي. توهانکي لِکيو هئم تہ اَهڙو ڪو لائق ڇوڪرو هُجي، جنهن جي توهان سِفارش ڪرڻ چاهيو تہ اُنهيءَ کان فارم ڀرائي مونکي موڪلي ڏِجو. اِئن اِسٽاف گرئجوئيٽ کڻندا آهيون، جنهن کي هيٺيون ڳالهيون ضرور اَچڻ گهرجن:

(1) Independent Correspondence

(2) Accounts

(3) Typing speed of about 50 w.p.m.

پگهار شروعات ۾ =/UAE DH. 1250 ڏيندا آهيون Consolidated - اُنهيءَ مان Sharing Accommodation جا 250 درهم ڪٽيندا آهيون ۽ جي ڪاڏو بہ ڪرايو ويندو تہ 300 درهم اُن جا ڪٽينداسون. مُسافري 2 سالن جي - ٻن سالن کانپوءِ ٻہ مهنا موڪل. ڀاڙو وغيرہ اَسانتي.

توهانجي چئرٽي شو جو ڪم ڪار اُميد تہ زور شور سان هَلندو هوندو ۽ اُميد تہ سُنا پئسا ڪنا ڪري سگهندا جيئن پاسي وارو پلاٽ بہ وَٺي سگهو.

توهانجو،

**مورج.**

15-03-1985

پريہ دادا مورج منگهناڻي،

توهان جي مدد ۽ سهڪار سان اُلهاسنگر-3 ۾ ’سنڌو ڀون‘ تهي تيار ٿيو. جنهن جو مهورت ٻہ 3 مارچ گذريل سال سوامي شانتي پرڪاش مهراجن پنهنجي پوتر هٿن سان ڪيو.

بلڊنگ تيار ٿي؛ پر بلڊنگ ۾ لڳندڙ لائِيٽس، ڊراما سيٽ، ڪُرسيون، سائونڊ سسٽم لاءِ اَڃان هڪ لک رُپين جي ضرورت آهي.

سنڌو ڀون سنڌي ڊرامن، سنڌي ڪلچر کي جيئرو رکڻ لاءِ ٺهرايو ويو آهي. سرڪل پاران هلندڙ ’ليکراج عزيز‘ لئبرري پڻ سڄي مهاراشٽر ۾ پهريون نمبر آهي ۽ آشا آهي هڪ ڏينهن سڄي ڀارت ۾ پهرئين سنڌي لئبرري ٿيندي.

آشا آهي اَسان جي اَپيل تي جوڳو ويچار ڪندا.

سنڌيت جي شيوا ۾،

**سُندر ڊنگواڻي.**

**دادا وٽان پهچ -**

31-03-1994

My dear Sunder,

I am in receipt of your vernacular letter of 22nd instant, contents noted.

I have noted that programme is delayed by another one month and now is being organised on Saturday, 23rd April, 1994.

Although I am putting my best efforts, but looks, response from Dubai is also not so encouraging, and less than last years'. In fact people do not want to donate regularly every year and accordingly it may come down every year. The Circle will have to find

permanent source of income out of their daily activities and for this your own committee should look into this matter and I from Dubai can not really advise you.

Your proposal for finding a sponsor for your programme and also for your souvenir is also very good, but nobody will come forward from Dubai and you will have to find these sponsors right in Ulhasnagar / Bombay. Nobody from Dubai / Overseas will also like to be a special guest of the occasion although I will keep that also in my mind.

With good wishes,

Yours sincerely,

**Murij.**

**دادا وٽان پهاڇ ـ**

16-03-1995

My dear Sunder,

I am enclosing herewith a comprehensive list of donations received and sent to you.

Please confirm that you have received all the 11 donations and you are putting full page advertisement for everyone except Mr. Ram Buxani. As I have not received advt. matter from Al Tara Trading Co. & Mikkai International, you may put their advertisements as "With best compliments from ..."

With good wishes,

Yours sincerely,

**Murij.**

## دادا وٽان پهاچ -

19-03-1995

My dear Sunder,

Thank you for your vernacular letter of 6th instant and as desired by you, I am sending you a message for Sindhu-95.

Please acknowledge the receipt.

With good wishes,

Yours sincerely,

**Murij.**

18-03-1995

پيارا ڀاءُ سُندر،

اَڳِئين سالن جيان هِن سال پڻ 'سنڌو' ءَ جو پَرچو ڪڍِي رهيا آهيو. اِهو ڄاڻي خوشِي ٿِي. ايترا سال لڳاتار ڪنهن سنڌي رسالي جو پرچو باقاعدي نِڪري، اِها وڏي خوشيءَ جِي ڳالهه آهي ۽ اَوهان هن لاءِ لاشڪ ڪيرون لهڻيون.

گذريل پرچي ۾ سمپادڪ شري نند ڇڳاڻيءَ هڪ تمام اَهم ڪم سرانجام ڏنو آهي تہ سنڌي ڪتابن، جن جا صرف نالا ٻُڌل هُئا، تِن سڀني جو وستار هڪ هنڌ ڪيو اَٿاَئين ۽ هيءُ ڪتاب سنڌي ساهت ۾ رُچي رکندڙن لاءِ هڪ هٿيڪي ريفرنس جو ڪم ڏيندو.

اَوهان پنهنجو سُهڻو ڪم جاري رکندا ايندا. مُنهنجون شڀ ڪامنائون سدائين اَوهان سان آهن.

اَوهانجو،

**مورُج.**

31-05-1995 ✍

پريہ دادا شري مورجمل منگھناڻي،

توهين مزي ۾ رَهو ۽ ايشور جي ڪرپا توهان مٿان هميشه رهي، اَهڙي مُنهنجي پرارٿنا. هن کان اَڳ هڪ مهنو اَڳ توهانکي خط لکيو هُيم، جنهن ۾ پروگرام سرڪل جو ڪيئن ٿيو، اُن جي ٿوري ۾ وچور لِکي هُيم ۽ اُن کانپوءِ شري چندر معرفت توهانکي مخزن جون ڪاپيون موڪلي ڏنيون آهن، جي توهين پارٽيز کي ڏيندا.

سرڪل جو پروگريس تہ تمام سُٺو آهي ۽ ڏِن بہ ڏِن ترقيءَ جي راه تي آهي ۽ سيني سنستائن کان وڌ ۾ وڌ سهوليتون ڏيئي ڪم ڪري پيئي. اَسان سنڌيت جي جهنڊي کي هِٽ صرف ٻالهائڻ تائين نہ پر پرئڪٽيڪلي هَلائي رهيا آهيون. اَفسوس صرف اِهو آهي تہ هيڏي وڏي سنستا کي مالي مدد جي زبردست تڪليف آهي. سرڪل جي قدبُت وڏڻ سبب هر ٻالهہ تي خرچ آهي ۽ ڊونيشن ۽ دان ٿورا آهن ۽ هرڪو هِٽ صرف گُهرندڙ آهي. ٿوري ۾ اِئين چوان، ”اَهڙو سونُ گهوريو جو ڪن ڇِني“. ترقي اَسانکي ڀاري ٿِي پوي. ڇوڏاري واه واه وڏيڪ پر گهر ۾ تڪليف. گُذريل ٽن سالن کان اِها حالت آهي. جيڪو پئسو Meagre اَچي ٿو، اُهو اِئين ختم ٿِي ٿو وڃي جڻ سمڪ ئِي نٿِي پوي. سرڪل جو گهٽ ۾ گهٽ 1.5 لکہ خرچ آهي ۽ اُپٽ پڻ تمام زور لڳائڻ کانپوءِ بہ اوترِي آهي. جا وري بہ اُلهاسنگر جي سنستا کان وڌ ۾ وڌ آهي.

اَسين نالو، جمخانہ کي توهان جو ڊِڪليئر ڪري پنهنجو اَڌ ڪم پورو ڪيو آهي. پر بجاوري ڪرڻ ۾ اَجان اَسان کي بہ-ٽي لک گهٽ ۾ گهٽ کپن. اَهڙو اِشارو توهان سان روُبروُ مِلڻ وقت بہ ڪيو هُئو. سرڪل جو بئنڪ بئلنس تمام گهٽ 40 هزار مس آهي.

توهان اَسان جي رهنمائي ڪيو، اَهڙِي اَپيل. وڌيڪ سپ سُک آهي.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

✍ 16-05-1996

پريه دادا شري مورج منگهناڻي،

توهان هميشهہ تندرست رَهو ۽ مُسڪرائيندا رَهو، اَهڙِي ڏڻيءَ در آراڌنا. ايشور جي ڪرپا ۽ توهان جي آشيرواد سان 4 ميءِ رکيل سرڪل جو ڇٺرتي شو نهايت ئي ڪامياب ويو آهي. نہ صرف سرڪل کي مالي امداد ڪافي مِلي (2 لک 60 هزار) جا هڪ رڪارڊ هئي، پر پروگرام پڻ اَنيلا سُندر جو ماڻهن کي ڪافي پسند پيو ۽ آخر تائين درشڪ ويٺل هئا. سنڌو پڻ معياري نڪتي آهي ۽ ڪوَر پڻ سُنو رهيو ۽ گيسٽ وغيره کي پڻ سرڪل جو پروگرام ۽ ڪاريہ پسند آيو آهي. پروگرام ۽ ساوينئر تي مِلائي لڳ ڀڳ 70 هزار رُپيا خرچ آيو آهي ۽ اَڃان 60 هزار رهيل آهن، جي وصول ڪرڻا آهن. جيئن جيئن سرڪل وڌي ٿِي، جوابداري پڻ وڌِي رَهِي آهي ۽ هرڪو اَسان مان وڌيڪ اُميد ڪري ٿو. توهانکي پروگرام جي ڪئسيٽ چندر دواران موڪليندس.

سرڪل توهان جي بہ نهايت ٿورائتي آهي جو توهان پنهنجي ۽ ڀين کان ڪافي مدد وَٺِي ڏياري آهي. هن پروگرام کي بامبي جي ٽرسٽ sponsor ڪيو ۽ 25000 سرڪل کي ڏنا آهن. آشا آهي اَڳتي بہ ٽرسٽي سرڪل کي مدد ڪندا. وڌيڪ تہ توهان وٽ شايد ووڀڪانند ٽرسٽ جا عيوضي ڊونيشن لاءِ لڳل آهن. توهانکي هڪوار وري ياد ڏياريان تہ هو سنڌين جي اِنجنيئرنگ ڪاليج ۾ گورنمينٽ پاران تسليم ٿيل 50% رِزرويشن ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن. اُن ڳالهہ جي ڪاپِي مون توهانکي اَڃ فئڪس ڪئِي آهي. توهان اُنهن کي ذهن

نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا تہ جڏهن ڊونيشن سنڌين ڪان ورتا ٿا وڃن تہ پوءِ ڇو سنڌين جو حق ماريو ٿو وڃي. سنڌين جي پئسي سان نهيل ٽرسٽ سنڌين کي پهرين لاءِ ڏيڻ گُهرجي. ٻين سيني ڪاليجن ڏنو آهي، صرف وويڪانند ڪاليج اِن ۾ پُٺتي آهي.

وڏيڪ ڪا آگيا هجي تہ ڪندا. ساوينئر چندر هٿ ٻِلن سميت موڪلي رهيو آهيان. وڏيڪ سڀ سُک آهي.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

24-10-1997 ✍

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي اَسيم ڪرپا آهي. توهان پڻ صحت ۾ سگهارا، هميشه مُسڪرائيندا رهو، اَهڙي ڏاڍيءَ در پرارٿنا. اَحوال وڏيڪ هن ريت آهي تہ آخر ۾ سرڪل جمنيشم جو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي ۽ ڪم چالو ٿي ويو آهي ۽ هن سال جو ڏياريءَ جي ڪارڊن ۾ اَهڙي اَنائونسمينٽ (Announcement) پڻ ڪئي ويئي آهي. سرڪل کي هن وقت 3.25 لک آهن ۽ بجيٽ پڻ ايتري آهي گهٽ ۾ گهٽ ۽ اُميد آهي تہ جنوريءَ ۾ جڏهن توهان اَچو تہ هن جِمنيشم جو مهورت ڪيون. وڏيڪ سڀ سرڪل جا ڪاريہ سُٺا هَلي رهيا آهن ۽ ڏِن بہ ڏِن سرڪل ترقيءَ جي راه تي آهي. ۽ سرڪل جو خرچ پڻ وڌيل آهي. ڪابہ اَسان لاءِ آگيا هُجي يا ڪو سُجهاءُ هُجي تہ موڪليندا. وڏيڪ سڀ آنند آهي. ڏياريءَ جي واڌاين جو ڪارڊ 35 پارٽين کي ڊُبئيءَ ۾ موڪليو اَٿم. ويچار پڻ اِئين آهي تہ جِمنيشم جي مهورت جي ٽائيم تي اِسپيشل پرچو توهان جي شخصيت تي ڪڍجي. اِن لاءِ چندر سان پڻ صلاح ڪندس ۽ توهان جي رايي جي پڻ ضرورت آهي. اِن ڳالهہ تي ويچار ڪري جوڳو جواب ڏيندا تہ

مهرباني.

وڌيڪ مان پنهنجي پاران ۽ سرڪل جي پاران ڏياريءَ جون توهانکي هاردڪ واڌايون ٿو ڏيان ۽ ڀڳوان در پرارٿنا رهندي تہ توهانکي شڪتي ڏئي جو توهان اِنسان ذات جي؛ لِٽريچر، ڪلا ۽ ساهت ذريعي شيوا ۾ اَڳرا رَهو. وڌيڪ سڀ سُک.

توهانجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

✍ 08-06-1998

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي اَپار ڪرپا آهي ۽ توهان وڏڙن جو آشيرواد. توهين هميشه صحت ۾ سگهارا رَهو، مُسڪرائيندا رهو، اَهڙي مُنهنجي ڏڻيءَ در پرارٿنا رهندِي. هن ڪان اَڳہ مهنو ڪن اَڳہ توهان کي اَحوال موڪليو هُيم تہ سرڪل جي چئرٽي شو جي ڪاميابيءَ جو ٿوري ۾ اَحوال ۽ هلندڙ جمنيشم جو اَحوال. وڌيڪ اِهو اَحوال آهي تہ اَڄ ڏينهن تائين 215 ميمبر جمِ جا ٿِي ويا آهن ۽ تمام سُٺي نموني سان هَلِي رهيو آهي ۽ مهني ۾ چئن ڪوچن (ٽيچرس) بہ پُرش بہ ليڊيز کي لڳ ڀڳ 10 هزار (40%) ڏيندا آهيون.

جيڪو مهورت وقت نهيو، اُن ڪانپوءِ هڪ لک خرچ وڌيڪ ڪيون پيا ۽ اَجان پنجاه هزار خرچ ڪنداسين. (ٽوٽل خرچ 5.50 لک)

مون واعدو پورو ڪيو آهي ۽ هاڻ سرڪل حقيقت ۾ توهان جي نالي سان هَلي ٿي، جاتي وجي ٿِي ۽ سڀ ڪنهن کي چوڏاري جاڻ رهي آهي تہ توهين سرڪل جا خاص ڳاڊ فادر آهيو. ۽ اَسانکي اِن ڳالهہ تي فخر آهي.

سرڪل کي سنڌو يوَن مان پڻ 75000 هن سال اِنڪم ٿِي آهي ۽ ايتري ٿيندي رهندي ۽ سرڪل کي maintain ڪرڻ تي هڪ لک

خرچ آهي.

V.N.B. : مونکي هِن خط لکڻ جو خاص ڪارڻ آهي. اِنڪري توهانکي تڪليف ڏيان ٿو.

سرڪل جي پاسي ۾ واڙو آهي، جو هاڻ ضرور وِڪامندو. اَسان نہ وٺنداسين تہ ٻيو ڪو وٺندو. هِن واڙي وٺڻ سان سرڪل جي چوڏاري روڊ تي وجي ٿو ۽ سرڪل جي گيٽ اَپ ۾ ڏهوٽو فرق پئجي ويندو ۽ ڪافي ڪاريہ اَسان وڏائي سگهنداسين، جو اَڄ جاءِ جي سوڙهہ سبب نٿا ڪري سگهون. 500 وال پلاٽ آهي ۽ 10 لکہ شايد لڳي وڃن. 4 کان 5 لکہ هِت مان بندوبست ڪري سگهندس وڌ ۾ وڌ. تڏهن بہ 5 لک کُٽندا.

سرڪل وياج 10% کان 12% پرڻ لاءِ تيار آهي ۽ آهستي آهستي ٻن ٽن سالن ۾ لاهي ويندا سين. هِن پلاٽ وٺڻ ۾ وڏو فائدو اِهو آهي تہ پاسي ۾ اَسان کي ڪو جهنجهٽ نہ رَهندو. نہ تہ هميشه فئڪٽري ۽ ٻين غير ڪمن يا غلط ڏنڏي سبب سرڪل کي پريشاني رهندي ۽ هن وقت بہ آهي. ٻن سالن کان گيٽ تي اَسان جو جهڳڙو هَلي پيو ۽ ماراماريءَ تي بہ ڳالهہ پهتي آهي. هِت Law and order ڪونہ آهي ۽ مونکي وڌ ۾ وڌ پريشانيون باربر سنڀالڻ ۾ ايندیون آهن. اَهڙي شڪايت جي ڪاپي sample طور موڪليان ٿو.

اَسانکي پل پلاٽ نہ مِلي، پر غلط ماڻهن کي مِليو تہ آزار ٿيندو. اِنڪري اَسين چاهيون ٿا تہ رائيٽ ماڻهو پلاٽ وٺي جي سرڪل نٿي وٺي سگهي تہ. سرڪل لاءِ بيحد ڪارائتو آهي. هاڻ سرڪل توهانجي آهي، پوشيہ ۾ سرڪل کي ڪيئن هَلائجي ۽ ڇا ڪجي، اُن لاءِ مالي طور پهرين ڏُک مُنهنجي توهان وٽ هوندي. اِتي اِن پلاٽ تي جيڪو پروجيڪٽ توهان چاهيندا، اُهو ٺاهينداسين. توهان پنهنجي گهٽگهرن کي اِها ڳالهہ ڪڍو ۽ ڪيئن بہ رستو ڪڍو، جيئن پلاٽ هٿ مان نہ وڃي. چندر سان اَڄ ڳالهائي ۽ يڪدم خط لکيو اَٿم. پروگرام وقت تڪڙ سبب وڪاس ٿيل سرڪل توهان کي

ڏيکاري نہ سگھياسين ۽ اِن پلاٽ کي توهان جي ڌيان تي آڻي نہ سگھيم. ڪجھہ ڪندا، اَهڙي اُميد رکان ٿو.

وڏيڪ ايشور جي مرضي.

توهان جو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

✍ 25-03-1999

پريہ دادا شري مورجمل منگھناڻي،

ايشور جي ڪرپا سان اَسين مزي ۾ آهيون ۽ سرڪل جا سڀ ڪم سُني نموني سان هَلن پيا. 24 اَپريل ڇنڇر ڏينهن رات جو مينگھاڻي جي ناٽڪ 'ڀُل چُڪ معاف' ڊرامي سان سرڪل جو ڇٽرٽي- شو رکيو ويو آهي.

توهين صحت ۾ سگھارا ۽ فئملي سميت خوش مزي ۾ رهو، اَهڙي ڏاڍيءَ در وينتي. توهان سان روبرو ملاقات نہ ٿي سگھي ۽ پروگرام جيڪي هَلن پيا، اُن تي ڳالهائڻ نہ ٿي سگھيو آهي. هڪ سال اَپريل ۾ جمخانا ڪُلڻ کي ڏيو آهي ۽ تمام سُٺو پروگريس آهي. هن وقت تائين سرڪل پنجين لکين کان وڌيڪ مشنريءَ تي خرچ ڪري چُڪي آهي ۽ اَجان بہ لکہ جِم تي خرچ جِي ضرورت آهي.

ماڊرن ۽ بهترين جِم لاءِ اِهو ضروري آهي. باقي سرڪل جي سنڌو يوَن ۾ ڪافي پروگرام ٿِيَن پيا. سرڪل جو پبلڪ پورو فائدو وٺي رهي آهي. اُپت گھٽ آهي ۽ خرچ وڌيڪ آهي. لوڪل ماڻهوُن اَسان مان اُميدون وڏيون رکن ٿا. هن وقت صرف سرڪل ئي ڪلچرل ڪيتر ۾ اُلهاسنگر ۾ بچِي آهي. سنڌيت لاءِ ڪاريہ ڪري پيئي ۽ ڪندي. مالي مدد جي نہ هُئڻ سبب سرڪل پبلِسِٽي ۽ ميڊيا ۾ گھٽ مشهور آهي، پر ڪم ۾ سڄي ٺاڻا ڊسٽرڪٽ ۾ پهريون نمبر آهي. هن سال توهان وٽان وڌيڪ مالي مدد جي اُميد سرڪل

رکي ٿي. هن سال Economic recession سبب ماڻهن جا من مُنجهيل هئڻ سبب اُميدون مدد جون گهٽ آهن. اِنکري وڌ ۾ وڌ چئہُ-چوا ڪَرڻي پوندي. توهان پڻ وڌيڪ ڪوشش ڪندا ۽ سرڪل توهان جي مارگہ درشن ۾ هلڻ چاهي ٿي. جمخانا تي نالو ڏيئي اَسان توهانکي قبول ڪيو آهي ۽ هاڻ توهان کي سرڪل لاءِ ڪجهہ ڪرڻو آهي. سرڪل کي ڪامپيوٽر رستي Website تي پڻ اَپريل ۾ آڻڻ جي ڪوشش رهندي ۽ اَهڙو بندوبست ڪري رهيو آهيان. وڌيڪ ڪا آگيا هُجي تہ لکندا.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڏنگواڻي.**

31-05-1999 ✍

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي اَپار ڪِرپا آهي ۽ توهان مٿان پڻ رهي، اَهڙي ڏٽيءَ جي دربار ۾ پرارٿنا. سرڪل جا سڀ ڪاروبار نيڪ نموني سان هَلي رهيا آهن ۽ ڏِن بہ ڏِن سرڪل ترقيءَ جي راه تي آهي. هِن ڪان اَڳہ توهانکي چئرٽي-شو جو اَحوال لکيو هُيم. توهانکي پهتو هوندو. سرڪل جو فوٽو هندواسيءَ ۾ 15 ڏينهن اَڳہ چئرٽي-شو جو آيل آهي ۽ هندستان ۾ مُنهنجو ليک ۽ سرڪل جي باري ۾ پڻ آيل آهي. توهانکي مخزن سڀ مِليون هونديون.

وڌيڪ هيءُ آهي تہ سرڪل ٻن سالن ۾ چار لک بچايا آهن ۽ هڪ لک ٻيو اَسانکي Reserve ۾ هُئو. سرڪل جي وڏندڙ مشغولين سبب سرڪل کي جڳهہ جي تنگِي آهي. جيئن تہ ٻيون ڪلچرل سنسٿائون وچن پيئون گهٽجنديون، اِنکري هرڪا سنسٿا اَسان مان اُميدون پيئي رکي ۽ ٻيون سنسٿائون پڻ اَسان جي جڳهہ ميٽنگس رکڻ لاءِ، پروگرامس لاءِ اَسان کان ئي گُهرن ٿيون. ڪافي سنسٿائون تہ پنهنجو ڪاريہ سرڪل مان هَلائڻ لاءِ آفيس پيئون ٿيون گُهرن، جا

اَسان نہ ڪئي آهي. شاديون، پروگرامس ۽ پڳڙيون اَهڙا سرڪل ۾ 100 کن پروگرام سال ۾ ٿيا آهن ۽ هن سال لکہ کان مٿي آڊيٽوريم جي بوڪنگہ مان مِليا آهن. سرڪل اَدبي ڪلاسز ۽ ڊراما ورڪشاپ پڻ چالو ڪيو آهي ۽ ڪوشش آهي تہ اَسان ڊراما ۽ سنگيت گروپ ٺاهيون، جيڪو ٻِيَن شهرن ۾ وڃي پروگرام ڏِيَن. ٿوري ۾ سنڌيت کي قائم رکڻ ۾ سرڪل ڪوشش ڪري رهي آهي.

توهان مون سان واعدو ڪيو هو تہ توهان 5 لک جمع ڪيو تہ پنج مان بندوبست ڪندس. وقت آيو آهي تہ اَسان ڄڱھ ٺهرايون، جِتي مشغولين کي برابر هَلائي سگهون. ڪوشش جاري آهي ۽ صرف توهان جي اِشاري ۽ مدد جي ضرورت آهي. گهٽ ۾ گهٽ 20 لک کپن. پر نہ تہ بہ 12 يا 13 لکن سان ڪم چالو ڪبو ۽ باقي پئسا ڪم ڏيکاري ٻِيَن کان حاصل ڪبا. چندر سان پڻ مون اِن وشيہ تي ڳالهايو هو. اُن جو پڻ اِئين چوڻ هو تہ پهريان هٿ وجهہ ۽ پوءِ ڪليڪشن لاءِ نڪرنداسين. اِنڪري توهان وٽان 5 لکن جو پڪو آسرو مِلندو تہ مان هٿ وجهندس نہ تہ تيستائين چُپ ڪري ويهندس. وڌيڪ جيئن توهان صلاح ڏيو. پر سرڪل کي جاءِ وٺائڻ جي ضرورت آهي. وڌيڪ سڀ نيڪ ٺاڪ آهي. توهان جي جواب جو بيصبريءَ سان اِنتظار رهندو.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

✍ 28-06-1999

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي اَپار ڪرپا آهي. توهان پڻ هميشه صحتمند رهو، خوش رهو ۽ هميشه مُسڪرائيندا رهو، اَهڙي ايشور در آراڌنا. سرڪل تمام سُني نموني سان هَلي رهي آهي. هن کان اَڳ مهنو اَڳہ توهان کي هڪ خط لکيو هُيم، جنهن ۾ اِن ڳالھ تي زور ڏنل هو تہ

سرڪل هن وقت مضبوط ٿي رهي آهي ۽ هر لحاظ کان سنڌين جو سينٽر ٿيندو پيو وڃي. پهريون ڀيرو سرڪل جي آڊيٽوريم مان ڪنسيشن ڏيڻ ڪانپوءِ به 1.5 لک اُپت ٿي آهي. نه ته رواجي طرح سان 50 هزار کان وڌ ۾ وڌ 75000 ٿي آهي. ۽ هن سال 80 ڏينهن سرڪل بوڪ رهي ۽ اُن مان 20 ڏينهن غريبن کي مفت ڏِنيسين، 15 ڪيس ڪنسيشن وارا ۽ باقي 45 ٻِيَن ڪيسن رڪيل اُجورو ڀريو آهي. هِن سال ڊراما ورڪشاپ ۽ اَدبي محفلون پڻ وڌيون آهن. يوگا، جوڊو ڪراٽي ۽ جمخانا پڻ سُٺي نموني هَلي رهيو آهي. ڏينهون ڀوءِ ڏينهن مشغوليون هَلائڻ لاءِ جڳهه جي تنگيِ محسوس ٿيِ ڪَجي. مثال طور آرتوار ڏينهن صبح جو يوگا ڪلاس، جوڊو ڪراٽي ڪلاس، ڊراما ورڪشاپ ۽ وري جي ڪو فنڪشن رهيو ته ٽيئون ئي مشغوليون جوڊو ڪراٽي ۽ ڊراما ورڪشاپ بند ڪيون. لئبرري-آفيس ۽ اِسپورٽس ۽ جمخانا جي جڳهه ڪم نٿا آٽي سگهون. اِن لاءِ اَسانکي جڳهه جيِ ضرورت آهي. پاسي واري پلاٽ کي ڊيولپ ڪرڻو آهي، 3200 sqft = 40 x 80 ايريا وڏاٽڻي آهي. گهٽ ۾ گهٽ گرائونڊ ڊيولپ ڪرڻ لاءِ 3200 x 500 جي حساب سان 15 لک رُپيا کپن. سرڪل 6 لک ڪڍندي. 5 لک توهان بندوبست ڪيو ۽ 5 لک ڪن ڪم هَلندي ڪنا ٿيندا، اَهڙِي پڪيِ اُميد آهي. سرڪل اَڄ جي حساب سان 2 لک هر سال بچائي سگهي ٿي ۽ هن ڪنسٽرڪشن کانپوءِ 3 لک بچائيندي.

سرڪل هڪ سال ۾ 5 لک ڪڍي ٿي، اِن مان اَندازو لڳايو ته سرڪل کي ڀوشيه آهي. توهان واعدو به ڪيو هو ته توهان Equal Amount ڪڍندا. هاڻ وقت آيو آهي ته سنڌيت جي جڙيل مقام کي مضبوط ڪيون.

آشا آهي ته توهين جواب ضرور لکندا.

توهانجو،

**سُندر ڍنگواڻي.**

✍ 14-02-2000

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي ڪرپا سان سڀ ڪجهہ ٺيڪ ھَلي رهيو آهي. توهان صحت ۾ سگهارا ۽ هميشه ڪلمک رهو، اَهڙيءَ ڏاڍيءَ در آراڌنا. سرڪل جون سڀ مشغوليون زور هَلي رهيون آهن. ٻن سالن ۾ پرسنل ملاقات نہ ٿي سگهي. جيئن جيئن سرڪل ترقي ڪري ٿي تيئن تيئن سرڪل کي هلائڻ وڏيڪ تڪليف وارو آهي. فُل ٽائيم ڪم ڪندڙ نہ آهن. سرڪل جو ڪاريہ پيو وڌي. هن وقت ٻيون ڪافي سنسٿائون مالي مدد جي ڪوتاهيءَ سبب ۽ برابر ڪم ڪندڙ نہ هئڻ سبب بند ٿي رهيون آهن ۽ جي ڪي آهن بہ تہ صرف نالي ۾ پروگرام ڪري وري صفا ٺپ آهن. پر اَسان جي سنسٿا 24 ڪلاڪ کُليل ۽ اَنيڪ قسمن جي مشغولين سان هَلي ٿي. ٻُڍا باغ ۾ پاڻ وندرائڻ اَچن ٿا. جوان رانديون ڪرڻ ۽ ڪسرت ڪرڻ، ڊراما ناٽڪ، ڪلا ۽ پنهنجين هابيُن کي پورو ڪرڻ اَچن ٿا. لِٽرري (اَدبي بينڪون) پڻ ڪافي ٿين ٿيون. روٽري، لائنس، گيانٽس اِنٽرنئشنل، ڪلاسيڪل ۽ ڪامرشل سنسٿائون اَسان وٽ پروگرام ڪن ٿيون. اِئين ٿوري ۾ چئجي تہ سرڪل بيحد ڪم پيئي اَچي. ترقيءَ سبب ميمبرن ۾ ڪُرسيءِ حاصل ڪرڻ جي لالسا وڌيل آهي. ٻاهران پڻ سرڪل ۾ پد لاءِ ڪوشش پيا ڪن. پنهنجن جو ڪافي چاهہ گهٽ آهي. پريزيڊنٽ بستري داخل آهي ۽ گذريل ٽن سالن کان سندس Performance زيرو آهي. چئرمن جو پرفارمنس پڻ گهٽ آهي ۽ باقي ميمبر بہ مالي مدد ۾ پُٺتي آهن. پر باقي ساٿ آهي. ڪَرٽو اَسانکي آهي ۽ اُن ۾ مان مالي مدد جي لحاظ کان، Moral support جي خيال کان ۽ رهنمائي جي خيال کان؛ توهان ڏانهن رُخ ٿو رکان. سرڪل ڊسٽرڪٽ ۾ تہ وڏي آهي پر مهاراشٽرا ۾ نمبر پهريون ٿيندي، جي هن وقت ’سنڌيت سينٽر‘ جي سپني کي نهرائڻ ۾ ڪامياب وِيُس.

34 لک جو پروجيڪٽ آهي. سرڪل کي ڇهه لک آهن ۽ ڪم جو اُدگهاٽن ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻيا 8 لک کپن. ڍهرائي ۽ آر.سي.سي. ڀرائڻ ۾ شاديءَ جو Kitchen، Godown، Library، Meeting Room ۽ ٻال مندر پنجن مشغولين تي اَثر پوندو. اِنڪري ڪم ۾ هٿ وِڌو ته گهٽ ۾ گهٽ اِهي مشغوليون suffer نه ٿِيَن، اِن لاءِ پئسي جو اِنتظار ڪري پوءِ هٿ وِجهبو. گرائونڊ خالي رهندو ۽ مشغوليون مٿي ويندي.

ميونسپل پاران سختيون وڌيل آهن. توهانکي فارم موڪليا آهن ۽ توهان کي خاص وينتي آهي ته نئين III Phase لاءِ زبردست ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ لکن ۾ پئسن جو بندوبست ڪرڻو پوندو. توهان ۾ شڪتي آهي ۽ مالي مدد ڪرڻ جو ۽ ٻين کان ڪرائڻ جي ۽ مون ۾ شڪتي آهي سپنن کي ساڪار ڪرڻ جو. هيءُ برابر موقعو آهي ۽ اَسان کي سينٽر بيحد مضبوط ڪرڻ کپي. وڏيڪ ڇا چوان، ڪا آگيا هجي ته ڪندا.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڍنگواڻي.**

✍ 24-04-2000

پريه دادا شري مورجمل منگهناڻي،

توهان خوش مزاج رهو، صحت ۾ سالم رهو، اَهڙي ڏڻيءَ در پرارٿنا. سائينءَ جي مهر سان، توهان جي آشيرواد سان ۽ سيني جو محنت سان سرڪل جو 37 ساليانو شو جيڪو 22 اَپريل گُذريو، اُهو نهايت ئي ڪامياب ويو ۽ ايڏو ٿُلهو ساوينئر ۽ مِلينيم پرچو سنڌي 100 سرمور جن گذريل صديءَ ۾ اَلڳ اَلڳ کيتر ۾ تمام سٺو يوگدان ڏنو آهي، اُنهن تي ليک آهن ۽ اَسان هڪ قسم جي ’سنڌيت‘ جي قوم جي تواريخ آهي، جا ايندڙ نوجوانن کي سنڌيت جي کيل ڪارين بابت خبر رهندي ۽ عام کي ڄاڻ ته

سنڌين جو کهڙو ڪاريہ رهيو. پروگرام اَنيلا سندر جو پڻ زبردست اَثرائتو هو ۽ پبلڪ جو Response پڻ سُٺو مِليو ۽ ڪافي معزز مهمان هستيون پروگرام ۾ شامل ٿيون وڏيڪ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هِتان پهريون پيرو لوڪل ڊونيشن سُٺيون مِليون آهن ۽ هڪ ٺي ميمبر جو نئون آهي ۽ وائيس پريزيڊنٽ شري رام آهوجا اُن رڪارڊ ڪليڪشن 1.5 لک ڪٺا ڪيا آهن ۽ ٻئي پاسي سڀ مِلائي ميمبر بہ ايترو نہ ڪري سگهيا آهن. اِن جو ڪارڻ آهي، اُهو روبرو ٻڌائيندس. هن وقت سرڪل ترقيءَ جي شاهراه تي آهي ۽ ميمبرن ۾ Competition آهي تہ ڪير ٿو وڌيڪ ڪنو ڪري ۽ پدن جي لاءِ خاص ڪري وائيس پريزيڊنٽ ۽ چيئرمن ۽ ٻين پوسٽن لاءِ ڇڪ پيدا ٿي آهي. ٿورو پدن حاصل ڪرڻ لاءِ يا اَڇڻ لاءِ ميمبرن جي ڪوشش زور ٿي آهي. اِنڪري منهنجي لاءِ هاڻ پاڻ سيني ڪي خوش رکڻ ۾ تڪليف پيئي ٿئي. سرڪل ڪي هلائڻ جي لاءِ ۽ پوشيہ جو ويچار ڪري سرڪل ڪي پڪي پختي هلائڻ لاءِ قاعدن ڪي مضبوط بڻائڻ تمام ضروري آهي نہ تہ ترقي مٿي جو سوُر ۽ ناراضپي جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي ۽ سچا ڪم ڪندڙ مار کائي سگهن ٿا. اِنڪري ٺي مان توهان سان روبرو گڏجڻ جي اِشا ڏيکاري هئي. پر توهان وقت نہ ڏيئي سگهيا. اِنڪري منهنجي توهان ڪي وينتي رهندي تہ جڏهن توهان هِت اَچو تہ روبرو مِلڻ ڏيندا.

نوٽ: 16 اَپريل هندواسيءَ ۾ پروگرام جو اِشتهار ڏنو ويو آهي ۽ سنڌيت سينٽر جي گهوشٽا آهي.

پاسي واري پلاٽ مِلڻ جا آثار گهٽ نظر اَچي رهيا آهن جو اَسين ايترو پئسو نٽا ڪڍي سگهون. پر منهنجي ڪوشش جاري آهي. مونکي پرئڪٽيڪل مسئلا وڌيڪ آهن ۽ سچا ڪم ڪندڙ ايترا ناهن، اِنڪري وڏي پئماني تي مانداڻ منڊڻ ۾ سخت قاعدا ضروري آهن. هن پروگرام مان 3.5 کان 4 لکن جي وچ ۾ مالي مدد ملڻ جي اُميد آهي. اَجان Details نہ ناهيا آهن.

توهانکي جلد بہ جلد ساوينر جون ڪاپيون بِلن سميت موڪليندس. گهر ۾ ڪامپيوٽرس آهن. پنن جو بزنيس پڻ. ڪامپيوٽر آهن پر مان اَجان سِکيو ناهيان، ڪارڻ ڪم مان واندڪائي نٿي مِلي. هاڻ سِکندس، پوءِ اِنٽرنيٽ تي اَحوال ڏيندس. توهان تي منهنجو ليک ’سنڌوءَ‘ جي 83 پيج تي آهي.

وڏيڪ مون لاءِ ڪا آگيا هجي تہ لکندا.

نوٽ: پروگرام جي هڪ ڪئسيٽ پڻ موڪليندس، جا ڪلياڻ، اَمبرناٿ ۽ اُلهاسنگر ۾ ڪيبل رستي live ڏيکاري ويئي.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

01-05-2000 ✍

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي توهان مٿان ڪرپا رهي ۽ توهين صحتمند رهو، اَهڙِي ايشور در پرارٿنا. هن کان اَڳہ توهانکي چيٽرتي-شو جو اَحوال ڏنو هُيم ۽ هن سال جي چيٽرتي-شو گذريل سيني 37 سالن جي رڪارڊ کي بِريڪ ڪيو آهي ۽ سرڪل کي پروگرام مان 4.30 لک رُپيا اُپت ٿيندي ۽ هڪ لک 10 هزار رُپيا خرچ آيو آهي. اُن ۾ صرف سووينئر ۽ مخزن تي 70 هزار رپيا خرچ ٿي رهيو آهي. 75 سيڪڙو پئسا مِلي چُڪا آهن ۽ باقي 25% وصول ڪرڻا آهن.

توهان جون سڀ ڪاپيون بِلن ۽ رسيدن سان اَڄ چندر کي موڪليان ٿو ۽ کيس فون ڪيو آهي. توهان مخزن لاءِ رايا موڪليندا تہ ڏاڍو سُٺو. ٻيو نند چڳاڻيءَ جي ڇپيل ڪتاب جون بہ ڪاپيون پڻ موڪليان ٿو. توهان جي پاران ۽ اَسان کي پڻ شري جهمٽمل واڌواڻي پنهنجي سمجهاڻي ڏني آهي ۽ هو روبرو 16 اَپريل آيا هئا سرڪل ۾ ۽ پوري سرڪل نظر مان ڪڍيائون ۽ اُن وقت ڪمل پارواڻي، مان ۽ بہ سينئر ميمبر گوبند ايسراڻي ۽ لالواڻي بہ هئا.

پرهلاد آڏواڻي، وينا پاڻيا ۽ ٻيا مکيه ڪاريه ڪرتا اُنهن سان گڏ هئا. وري هڪ پيرو داخلا جو ذڪر نڪتو.

اَسانکي سندن لاءِ عزت آهي ۽ اُنهن جي ڪارين کي اَسين دل کولي داد ڏيون ٿا، پر سندن ويچارن سان اَسين ۽ اَسان جا سڀ ميمبر جيڪي هِت سنڌونگر ۾ آهن، سهمت ناهيون. ڪارڻ هُنن سنڌي سڏائي، سنڌين جي نالي ۾ سنڌي سينين کان پئسا ته ورتا آهن ۽ ڪاليج ٺاهڻ ۾ مئنارٽي (Minority status) سرٽيفڪيٽ ورتو، پر اُن جو فائدو ونڌو آهي، پر ڏيٺو نه آهي، اَهڙي ديش ڀڳتي اَسانکي سمجهه ۾ نٿي اَچي. ڇا هردم، هر وقت سنڌين کي ئي ديش ڀڳتيءَ جو ثبوت ڏيڻو آهي؟ وڏيڪ نٿو لکان. مان ٻن سوالن جو جواب ڳُهريو آهي. ڇا ڪاليج سنڌين جي پئسي سان نه ٺهيو آهي؟ ڇا مئنارٽي سرٽيفڪيٽ ڪتب نه آندو ويو آهي؟ جي ها ته پوءِ سنڌين کي اُنهن جي حق کان ڇو وانجهايو وڃي؟

وڏيڪ دادا سرڪل تمام سٺي نموني سان هلي رهي آهي ۽ زبردست ترقيءَ تي آهي. پروگرام جي ڪئسيٽ پڻ چندر کي ڏني اَٿم.

هاڻ هڪ ئي منهنجو لڪشيه آهي ته سنڌيت ڪلچرل سينٽر ٺهرائڻ جو ڪم جلد به جلد ڪري سگهان. اُن ۾ توهان جي سخت صلاح جي ۽ مالي مدد جي ضرورت رهندي. اِهو پروجيڪٽ منهنجو نه پر توهانجو سپنو آهي ۽ توهانکي ليڊنگ رول اَدا ڪرڻو پوندو. وڏيڪ 16 اَپريل ۾ هندواسي پيپر ۾ اَهڙي اَپيل وِجهائِي اَٿم. وڏيڪ 30 اَپريل جي هندواسي پرچي ۾ سرڪل جي فوٽن سان گڏ اَحوال آيل آهي ۽ باقي ته ڪافي لوڪل پيپرن پاران اَحوال ديلي پيا اَچن ۽ ڪالهه وري اَسان جو پروگرام نگر ۾ ڪيبل تي هليو ۽ سڄي اُلهاسنگر - اَمبرناٿ ۽ ڪلياڻ جي ڪن ٽڪرن ڏِٺو. وڏيڪ مون لاءِ ڪا آگيا هُجي ته لکندا. توهان جي جواب جو اِنتظار رهندو.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڍنگواڻي.**

04-06-2000 ✍

پريہ دادا،

ايشور جي ڪرپا رهي ۽ توهين صحت ۾ سالم ۽ پرسن رهو، اَهڙي ڏٽيءَ در پرارٿنا. سڀ سُک آهي. توهان جو خط پهتو ۽ توهان جي شڀ اِڇائن لاءِ خوشي ٿي. توهان وڏيڪ مخزن لاءِ لکيو هئو، جي مان موڪلي رهيو آهيان. پر حقيقت ۾ مون چندر کي 20 کان مٿي مخزن ايڪسٽرا موڪليا آهن ۽ ڪانئس اِئين پڻ پُڇيو هو تہ توهانکي گهٽيون وڏيڪ کپن. مان هر سال 25 کان 30 مخزن ۽ 10 اَئڊورٽائيزمينٽ سيڪشن سان گڏ توهان لاءِ رِزرو ڊ رکندو آهيان.

وڏيڪ اَحوال هِن ريت آهي تہ هن سال مخزن جي ڊمانڊ زبردست ٿي آهي ۽ اَسانکي پڻ خبر نہ هئي تہ ايتري ڊمانڊ ٿيندي. اِنڪري سڀ خلاص ڪري ڇڏيون آهن پر اِمرجنسي لاءِ ڪجهہ رکيون اَٿم.

وڏيڪ تازا اَنگ اَکر تہ هن سال سووينئر ۽ مخزن تي هڪ لک رُپيہ خرچ ٿيو آهي ۽ پروگرام تي 45 هزار خرچ آيو آهي ۽ ٽوٽل پروگرام مان اُپت 4.4 ٿي آهي ۽ نيٽ سڀ پئسا آيا تہ 3 لک بچندا. سرڪل جي ترقي تمام سٺي آهي ۽ ڏِن بہ ڏِن ترقي ڪري رهي آهي.

هڪڙو وِشال ڪلچرل سينٽر ٺهي ۽ سرڪل کي تواريخي touch ملي، اَهڙو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان ۽ بن آرڪيٽيڪٽ کي چيو آهي. ڪم ڏکيو ضرور آهي پر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪيان پيو. ترقي پاڻ سان مسئلا پڻ ڪٺي اَچي پيئي. ٿورو ڪُرسين لاءِ ڇڪتاڻ آهي ۽ هرڪو اَڳيان سرخرو ٿيڻ چاهي ٿو. گرائونڊ ورڪ ڪندڙ نٿا پيدا ٿين. سيڪو بلڊنگ جو ڇٽ ٿيڻ ٿو چاهي پر ڪوبہ مضبوط فائونڊيشن ٿيڻ نٿو چاهي. اِنڪري مسئلا مونکي هِت وڏيڪ آهن جي روبرو ٻُڌائيندس.

سرڪل جو ڪنسٽرڪشن جو ڪم قاعدي سان ٿيڻ زبردست مشڪل آهي ۽ آثار قاعدي سان ڪرڻ جا بلڪل نٿا نظر اَچن. اِنڪري قاعدو ٽوڙي ڪم ڪرڻو پوندو. سڀني ميمبرن کي وشواس ۾ کڻي پوءِ هٿ وِجهندس. چئريٽيبل رجسٽرڊ ٽرسٽ سبب قاعدي جون تڪليفون وڌيڪ آهن. سرڪل جي پلاٽ clear ٿيڻ جي اُميد ڪانهي. جيڪو ڪجهه ڪرڻو آهي پنهنجي مُڙسيءَ تي ڪرڻو آهي ۽ پُڇڻ ڪائڻو آهي. 1000 رُپيا هڪ اسڪوائر وال لاءِ رِشوت گُهري ٿي وڃي. اُن حساب سان سرڪل کي 10 لک رشوت ڏيڻي پوندي، جيڪو ممڪن ناهي.

وڌيڪ ڪا آگيا هجي تہ لکندا. باقي ايشور ڪرپا آهي.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

✍ 15-10-2000

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي ڪرپا توهان ۽ توهان جي ڪٽنب مٿان رهي ۽ توهين هميشه صحت ۾ سالم ۽ خوشمزاج رهو، اَهڙي ڏڻيءَ در پرارٿنا رهندي.

توهانکي ڏياريءَ جون لک لک واڌايون. سرڪل پاران ڏياريءَ جو ڪارڊ توهان کي ۽ 45 پارٽيز پرڏيه جون آهن، جِن کي موڪليو ويو آهي. جنهن ۾ هلندڙ سرڪل جا ڪاريہ ۽ سرڪل کي اِنٽرنيٽ-ويب تي لانچ ڪيو آهي، اَهڙِي اَئڊريس آهي. مثال طور visit us www.sindhuyouthcircle.org

توهان 8 لک رُپين جو رقم ڏيارڻ جو ذِمو کنيو، اَهڙِي خوشخبريءَ سڀني ميمبرن ۾ ڪم ڪرڻ جي هڪ نئين جان آندي آهي ۽ اَسانجو سپنو تہ هڪ عاليشان ’سنڌي ڪلچرل سينٽر‘ نهي،

جنهن ۾ هر قسم جي سهوليت رهي ۽ جڏهن ۽ ڪوبہ سنڌي پريمي سنڌونگر ۾ اَچي تہ اَسان جو سينٽر تيرٿ آستان سمجهي اَچي ۽ ڏسي. اِهو سپيتڪ مرڪز هڪدم علحدو هوندو ۽ اَسان هڪ ڪروڙ جي پلان ناهي آهي ۽ اِنٽرنيٽ-ويب تي اُن لاءِ اَپيل پڻ ڪئي آهي.

ٽيڪنيڪل مسئلا اَٿم، سرڪل جو پلاٽ ريگيولرائيز ناهي ۽ ڪوشش ڪيان پيو. ڪوشش اِها اَٿم تہ جنوري مهني ۾ توهان جي اَچڻ وقت پومي پوڄا ڪري سگهجي. شري ديال ڪي. هرجاڻيءَ ڪي پڻ ڊُبئي ۽ هانگ ڪانگ اَئڊريس تي Greeting موڪلِي اَٿم.

توهان اُن ڪي سرڪل ۾ آڻيندا تہ اَسين پڻ سندس هر شيوا جو خيال رکنداسين ۽ جوڳي جاءِ ڏينداسين ۽ وڌيڪ جيئن توهان چاهيندا تيئن ڪنداسين.

باقي سرڪل جون مشغوليون زور هلي رهيون آهن. سرڪل ۾ 22، 23، 24 ڊسمبر چوڏهون اِنٽر ڪاليج ڊراما ناٽڪ چٽاپيٽي اُتسوَ تي ڏينهن سرڪل ۾ هلندو. جي توهان ايندا تہ ڏاڍِي خوشي ٿيندي.

هن پروگرام تي پڻ گڏيل سهڪار هيٺ ڪانپوءِ بہ سرڪل جو 20 کان 25 هزار خرچ ايندو.

ٽرافين جو sponsor مِلي تہ ڏاڍو سُٺو. لڳ ڀڳ 12000 رُپيہ خرچ رهي ٿو. 40 ٽرافيون ٿين ٿيون. وڌيڪ مون لاءِ ڪا آگيا هجي تہ لکندا. منهنجي پٽ جي شادي 10 ڊسمبر اُلهاسنگر ۾ آهي، ايندا تہ ڏاڍِي خوشي ٿيندي. مون پاران اَئڊوانس ۾ توهان کي هارديڪ نينڊ آهي. وڌيڪ ايشور مالڪ.

توهانجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

21-05-2001 ✍

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي ڪرپا سان سرڪل جا سڀ ڪاريہ سُني نموني سان هَلِي رهيا آهن. توهين خوشمزاج رهو، صحت ۾ سگهارا رهو ۽ ڪٽنب سان خوش آباد رهو، اَهڙي ڏڻيءَ در وينتي آهي.

توهان جو پهريون ليٽر توهان جي سنديش سان ۽ پنج ڊونيشن سان مِليو ۽ منو چابڙيا پاران 10 هزار جو چيڪ پڻ اَچ پهتو آهي. اَسين سندس ۽ ٻين ڊونر جا شڪرگذار آهيون.

هن دفعي لِسٽ ڊونرس جي 2000 واري وقت تي تيار نہ ٿي سگهي آهي، اِن ڪري توهان کي نہ موڪلي سگهياسين. پر هِت 1200 ڪاپيون ٻيون ڇپايون ويئون آهن، جنهن ۾ 2000 سال جي لِسٽ وِڌِي آهي. پوشيہ ۾ خيال ڪيو ويندو تہ اَهڙِي غلطي نہ ٿئي.

I wish you Happy 61st (17-04-2006) Marriage Anniversary.

My prayer to God to keep you and your life partner Dadi Kamla healthy, cheerful with happy smile which is essence of life.

Same expression is on behalf of all my members for you.

Yours,

**Sunder Dangwani.**

(E-Mail) 03-05-2006 ✍

Dear Dada Murij Manghnani,

I pray God for your good health, cheerful healthy life style. With grace of God and with your continued support and help our opening ceremony function of Sindhyat Cultural Centre at your hands was a great success and it was one of the rare function which happened at our trust and people will remember for years. We have got tremendous good wishes, messages, good publicity in media, electronic media and T.V. coverage before and after programme. This all happened due to your solid support and encouragement to me from you. My all committee colleagues also stood behind me despite many problems and bickerings. Financial problem is the biggest. It cost money to us! but worth. I am sending magazines, programme C.D., photo album, other two

CDs of Cheti Chand and photos through Mr. Chander. I have written letter in Sindhi to you and doing my best to bring circle at the top.

Thank you for visit and rest is O.K.

Yours,

**Sunder Dangwani.**

(E-Mail) 15-08-2006 ✍

Dear Dada,

I wish for your healthy, hearty, cheerful, smiling life style. We are fine here and all our activities of circle despite money crunch running in full swing. After day to day expenditure, we have saving of Rs. ten to fifteen thousand. Circle is still in loan of Rs. 2.5 lakhs (given by me) and spent about Rs. Two lakhs after opening ceremony on Murij Manghnani Ladies Fitness Centre's electrical fittings, door, curtains and other emergency work.

The Managing Committee meeting was held on 7th August to raise loan, take instrument on instalment and start Ladies Gym section by Dassera. Meeting was with 90% attendance, despite heavy rain.

Minimum expenditure on Gym will be around five lakhs. One lakh collection is taken by me but still Four lakhs needed.

Money is problem! True, we have over stretched, but sitting idle will wash out our already done extremely good work. And building remain unused. Hence going back is very costly. I am constantly

trying. My personal as well as general resources are limited hence considering you our head, our elder, I always look to you and to Mr. Harjani.

Best work is done by us but at finishing stage, we are without money. Harjani Community Centre also need about two lakh to close it for best use and over all about five lakhs.

Hoping at least something will be done by you for Murij Manghnani Ladies Fitness Centre.

Yours,

**Sunder Dangwani.**

## دادا وٽان پهاچ -

(E-Mail) 05-09-2006

My Dear Sunder,

I am in receipt of your email of 17th August, 2006 and was surprised and disappointed to see the contents.

Nowhere, I have seen a separate Gym for Ladies and Gents. Even in Mumbai, there are many good hotels and clubs has Gym. You may go and check and you will find that these are open to both ladies and gents for all the time.

In Dubai also we have an Indian Club where we have a nice gym that is also common for both ladies and gents and is opened from morning to evening. Everywhere there are common gym for both ladies and gents. So, please drop the idea of separate gym for ladies.

My daughter Padu also goes to the India Club gym on a regular basis and all the time it is open for both ladies and gents.

Some clubs and hotels has steam or sauna bath and they are separate for both ladies and gents but gym is always common for both ladies and gents.

Also, please be very careful in spending money and do not depend heavily on both Mr. Dayal Harjani and myself.

Best regards,

**Murij.**

(E-Mail) 15-09-2006 ✍

Dear Dada Murij Manghnani,

I wish healthy, hearty and cheerful smile and peace at family. With grace of God I am O.K. despite facing many hurdles of all sorts. I never shares problems with you. Only happy moments. I have not got opportunity since years to sit with you in person. Running circle is becoming tough day by day. But I like challenges and never run away from responsibilities.

I agree with your point that there is no seperate Gym for ladies in Mumbai or else where. But Kalyan and beyond that this concept is not acceptable and not running any other commercial or trust Gym. Hence after due thought we have earmarked place at new building before the start of construction and the place was visited by you at the eve of opening

ceremony. Name was clearly written in front of door.

Time, society, culture is changing fast, if we will not move with time (without shunning basic moral values and aims object) we will be ruined. Hint is already given in earlier letters. Committee members are putting all sorts of idea viz. opening B.Ed. College, Co-operative Bank, Narishalla etc. and pressing also. But we are moving on set activities only. I have always put your point of view and thinking before members. Personally unshaken respect for you. I am unable to explain?

I will take care not to ask extra funds in future from you or Mr. Harjani unless there is emergency. You being my guide, elder, head and more experienced, I will like to discuss problems with you and ask solutions.

So for Gym is concerned, we have already moved ahead and considerable expenses have occured. Going back will be more costly and painful. These all exercise is to earn money. We have hope that it will solve our future finance problems. I am trying to see that circle stand on their own feet and do not ask more donations. Hint is already given in previous letters and accordingly apprised to all members.

I received a phone call from Mr. Dayal Harjani and discussed about ground floor and he told that he is sending Rs. One Lakh through you and manage. "Koonj" literary magazine is functioning from circle. Rest is O.K.

Yours sincerely,

**Sunder Dangwani.**

## دادا وٽان پهچ -

(E-Mail) 22-09-2006

My Dear Sunder,

This is in continuation to your e-mail dated 17th August, 2006 and reply email dated 3rd September, 2006 on Sindhu Youth Circle. As you have mentioned in your email that Sindhu Youth Circle is in short of funds and you have already utilized 2.5 lakhs from your own personal account for the cause.

To cover up the shortfall, Mr. Dayal Harjani and myself are sending Rs. 1,00,000/- each totalling Rs. 2,00,000/- (Two lakhs only) by registered post, which you should receive within few days time.

Please acknowledge when you receive the registered letter containing the above mentioned cheques.

Hope by now you have completely dropped the idea of having separate gym for ladies and gents. We should keep this gym open for both ladies and gents for all the time and should stop the system of separate gym hours for ladies and gents.

Mr. Dayal Harjani and myself will be always supporting Sindhu Youth Circle, since we consider it as our baby. But at the same time, we request that not to be lavish on expenditure and control the expenses, so that you will always have some surplus to take care of any emergency situation arises such as building repairs etc.

With good wishes,

**Dayal Harjani and Murij Manghnani.**

(E-Mail) 04-10-2006 ✍

Dear Dada,

I wish hearty healthy life for you at the eve of Dassera.

Thank you for your kind donation of Rupees One Lakh for Gym equipment. Gym Pooja was done today on Dassera Day with great hope to earn money for Circle's other activities and be self-reliant. Separate Ladies section's extra machinery order worth Rs. 3.5 Lakhs is given which will arrive within a week's time.

Total expenditure will be around Rs. Six Lakhs. We hope to earn minimum about Rs. 12 thousand per month. We have to work hard as building can't be kept empty.

With grace of God and constant hard work with your support, Circle has achieved highest respect in our town and outside also. Thank you for motivating Mr. Dayal Harjani to share equal money for his ground floor balance work. I am managing every thing despite money crunch.

I wish to meet you when you will be here.

I will sent receipts of both through Mr. Chander.

Rest is fine.

Yours sincerely,

**Sunder Dangwani.**

**NOTE** : There are several Dubai advertisements at Jai Amarlal Newspaper releasing from Jodhpur. The list I will be sending to you. Will it serve our purpose to ask for donation to our cause? If yes, please guide.

## دادا وٽان پهچ ـ

(E-Mail) 09-10-2006

My Dear Sunder,

I am in receipt of your email dated 4th October, 2006 and noted the contents.

There is absolutely no harm in approaching for donations from those advertisers you have seen in Jai Amarlal, the newspaper released from Jodhpur.

When you write to them, brief them about SYC's activities and if you have any brochures send them along with your letter for donation.

I remember in the past you were organizing Sindhi Drama Competition, but I think now you have stopped that for some reasons. But I feel Sindhi Dramas plays an important role in promoting our Sindhi Language. As such I suggest you to continue these drama competitions.

I also suggest that do not make it for free. Interested audience should buy a ticket to watch these dramas and tickets can be priced at Rs. 10/- per person for adults and children below twelve years of age should be charged at Rs. 5/- per person. We must also approach some people to sponsor these drama competitions and should be charged Rs. 2,500/- to Rs. 5,000/-.

Being a sponsor they should be given few tickets free of charge and the first rows in the front should be reserved for those sponsors who support with

money. Also we should reserve 2 or 3 front rows for some VVIP's (Not VIP's) guests.

Please let me know your comments on starting once again these Sindhi Drama Competitions.

Best Regards,

**Murij.**

✍ 12-10-2006

پريہ دادا شري مورجمل منگھناڻي،

ايشور در پرارٿنا توهان صحت ۾ سالم، خوشمزاج ۽ مُسڪرائيندڙ رهو. توهان جو ڊراما چو بند ڪياسين، گذريل سال اُن ڳالهہ ويچارن جي تار کي ڇيڙيو. توهان جيڪي لکيو آهي تہ اَسان ٽڪيٽ رکون ۽ جيڪي ياڳہ ڪاليج وارا وٺن، اُنهن کان اَئڊميشن فِي وَٺون ۽ رسوخ وارن کان وڏيڪ ڊونيشن وٺون وغيره وغيره. اِئين ڪندا هُياسين. رمڻ راجپال جنهن کي ئي صرف شرف آهي جو 18 اِنٽرڪاليج ڊراما ڇٽاپيٽيون لڳائي سگھيو آهي هن سڄي ديش ۾. هڪ قابل ڪلاڪار آهي ۽ سيکاريندڙ پڻ. سنو ڳالهائيندڙ، ريڊيو ۽ T.V. تي. هاڻ جي ’سنڌو ڌارا‘ جيڪا اَنيلا سندر ٺاهِي آهي، اُن جو آواز رمڻ جو ۽ 70% ٺاهيندڙ ڪلاڪار سرڪل جا آهن. سنڌونگر جا آهن پر ڪين نہ Recognition ملي آهي نہ وري سندن ڪا وڏي پئماني تي قدرشناسي ڪئي ويئي. جيتوڻيڪ هن جي برابري ڪوبہ ڪلاڪار اِنٽرڪاليج ۾ نہ ڪري سگھيو آهي. ٿي پيرا مون سان رُنو آهي. بئنڪ جو مُلازم آهي. ٿن چئن سالن کان سرڪل اَڌ خرچ ڪندي هئي ۽ اَڌ خرچ هو ساٿين سان پٽڪي جمع ڪندو هو. جو هاڻ اُن کان نٿو ٿئي، جو در در هڪ هڪ وٿان هٿ ڦهلائي. هِت ڊونيشن وٺڻ فقيرن وانگر پِنڻو آهي ۽ قدر بہ نہ آهي. ماڻهن جو

نظريو ڏاڍو تنگدل ٿي چڪو آهي. اِنڪري گذريل سال هٿ مٿي ڪنيائين ۽ ڇپائين تہ سڄو ڪم سُندر، سرڪل پاران ڪر. ٽوٽل 80 هزار خرچ هئو. 15000 توهان جا، 5 کان 10 منهنجا ۽ ڪجهہ سرڪل جا 15، باقي 40 سيڪڙو پئسا ڪيس ڪنا ڪرٽا هئا ۽ ڪلاڪارن، ڪاليجي شاگردن جي لڳ ڀڳ 125 ٿيندا آهن، اُنهن کي سيکارڻ، تيار ڪرڻ، ٻيون ٽڪنيڪي ڳالهيون ڏسڻ جو ڪم سندس مٿان ۽ مون مٿان. ڪيس همٿائڻ، صلاح ڏيڻ، خرچ ۾ مدد ڪرڻ ۽ دل وٺڻ جو ڪم منهنجو.

سرڪل سنڌيت سينٽر تہ ٺهرايو آهي پر مالي حالت ڪمزور ٿي ويئي آهي ۽ وري سڀ پئسا اَسان ڪيون، سرڪل تيار نٿي ٿي سگهي. خرچن مٿان خرچ ۽ اُپت اَڳہ کان 30 سيڪڙو پُنتي ۽ وڌيڪ ڪٽان مدد جي اُميد نہ ۽ گهڙي گهڙي هر ڳالهہ لاءِ توهانکي چوڻ ۽ گُهرڻ جي همٿ نٿو ساري سگهان. ٻيو تہ هِٽ ڪو آهي ئي نہ. سڀ گُهرندڙ. ڪيستائين اِئين سنڌيت کي زنده رکنداسين. ڪوبہ مدبر سرڱواسي ٿيو تہ نند کي يا مونکي فون، ڪتاب ڪٽائي وڃو. ڪبٽ ۽ جاءِ وڪٽي آهي يا پاڻ لاءِ ڪم آٽٽي آهي. ڪتاب تور جي اَگهہ تي ويندا. ڪو خريدار ڪونهي! ڪنهن کي اُن جي مُلهہ جي ڄاڻ ڪانهي. بابو مئو ناهي، ڪيو گهر مان سندس سنڌيت جو جنازو. ڏيئي ڇڏيو سرڪل کي يا سنڌالاجي جي ديوانن کي. مٿان چوندا، اَسان ڏنو. ڪير بہ ڪبٽ نہ ڏيندو، ڪوبہ وڪيل جڳهہ جو حصو نہ ڏيندو. پيءُ مُئو، اُن سان گڏ سندس پراڻ پيارن ڪتابن جو اَنت آيو. هاڻ سرڪل ۾ نند ڪتابن جا اَنبار لڳائي ڇڏيا آهن. رکڻ لاءِ جڳهہ ۽ ڪبٽن جي اَٽاٽ ۽ پڙهندڙ صرف ديوانا. ميوزم آهي سنڌيت جو. ورثو سنڀالٽو آهي. ڪنهن گورنمينٽ ايجنسيءَ مان، NCPSL مان هڪ پائي مدد نہ ملي آهي اَڄ تائين. لڪين رُپيا ڪتابن جي ڇپائيءَ تي خرچ، وٺندڙ پئسن تي ذري گهٽ زيرو. مفت ۾ ڏيو. وري پڙهن تہ سڄايو! پر اُهو بہ ناهي. پنهنجي اَرمانن

کي پورو ڪرڻو آهي. پنهنجي پيٽ وِجهڻي آهي. اَسانکي ٿندڻ آهي جو ڪم ڪرائي ٿو. باقي اونده آهي! ڪو جهولي لعل جي مهر ٿئي، وقت ڦِري تہ واه! واه! باقي چارو نظر نٿو اَچي.

بلڊنگون تہ ٺهرائيسين، پر ماڻهون سنڌيت جا ڪٽان ٺهرايون؟ ڪم پوئتي آهي، پر همت نہ هارِي آهي. ڪنداسين جيستائين زندگي آهي.

اَڄ صرف حقيقت ۾ سنڌالاجي، سنڌو يوٿ سرڪل ۽ سيتا سنڌو يون ئي سنڌيت جي هڳاءَ سان پريل آهي ۽ اُنهن کي بيحد مضبوط بڻائڻ تمام ضروري آهي. هِت سنڌي بہ گهٽجي رهيا آهن ۽ سنڌيت بہ. جيڪا مان ڪافي پيرا چئي چُڪو آهيان. سچن ڪلاڪارن، هڏ ڏوکي ڪم ڪندڙن، سنڌيت جي وڌائيندڙن کي نظراَنداز ڪري صرف مشهور ماڻهن کي پنيان پونداسين، جي هن وقت صرف بينا آهن مرڪز ۾ نہ آهن تہ ڪم لهندو ويندو.

اَڄ سرڪل ۽ مٿيون سنسٿائون توهان جي ديريني ۽ خيال جي ڪري وڌيون آهن ۽ بچيون آهن. جن کي بہ پنهنجي جاءِ جڳهہ نہ آهي ۽ گهر جي اَيڊريس تي سنسٿائون هلائي پاڻ کي جيئرو رکي وينا آهن، اُهي بهتر آهي تہ گڏجي سوچين ۽ اَلڳہ اَلڳہ ڪِچڙي پچائڻ سان ڪچڙي سُني نہ ٺهندي. ٻيو گهڻو ڪجهہ چوڻو آهي اَهڙو اِشارو E-mail ۾ مون ڏنو آهي. هوندو نصيب تہ دادا ويهنداسين.

هڪ لکہ خرچ تائين ڪير جوابداري کڻي تہ ڇتاپيتيءَ ۾ جان آڻي سگهجي ٿي. باقي توهان شايد نند جي ڪونج کي ڌيان ۾ رکي شايد لکيو آهي. هن وقت هري موٽواڻيءَ جو خزانو ۽ ڪم پڻ سرڪل پيئي سنڀالي. وڌيڪ سڀ ايشور جي مهر آهي ۽ جلد ڏياريءَ تائين جِم چالو ٿيندو، جنهن تي 6 لک خرچ ٿي ويو آهي.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

30-01-2007 ✍

Dear Dada Murijmal Manghnani,

Annual General Body Meeting of Circle was held on 28th January 2007 Sunday morning at 11:30 a.m. where election for period of 2007 to 2010 of Managing Committee was held.

Along with other election, your name was proposed by me (Hon. General Secretary) after election to nominate for the post of Chief Patron which was unanimously accepted by all and requested to you to accept the same.

I and my all other committee members congratulate to you and hope that your continuing association will be useful to circle and to Sindhyat cause. I wish for your cheerful healthy and prosperous life.

Thanking you,

Yours sincerely,

**Sunder Dangwani.**

22-11-2007 ✍

پريه دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي ڪرپا آهي، توهان هميشه صحتمند رهو، خوشحال ۽ مُسڪرائيندا رهو، اَهڙي ڏڻيءَ در آراڌنا. توهان جي سهڪار سان ۽ سپني جي سهيوگ سان سرڪل تمام سُٺي نموني هلي رهي آهي ۽ ڪافي ڪاريه ڪرم هَلن پيا. ايشور جي ديا سان هِن سال چيٽي چنڊ جي چئرٽي پروگرام ۾ پئسي جي سُٺي مدد مِلي ۽ اُن ڪانپوءِ به

اَندر جي ڪارين لاءِ ڪبٽ، پلنگ ۽ فرنيچر جي لاءِ لڳ ڀڳ 1.5 لک رُپيا وڏيڪ ڏونيشن مِليِ آهي. اِنڪري گيسٽ هائوس، لئبرري ۽ ٻيون ضرورتون ڪافي پوريون ٿيون آهن. حالتن کي سٽائو سمجهي پڻ گرائونڊ جي ڪنڊ ۾، جِت ننڍو ٿهيل هئو، اُتي Servant Quarter 500 sqft ڪارپيٽ جو ٺهرايو ويو، جنهن تي 2.5 لک خرچ آيو ۽ سڄي گارڊن، گرائونڊ کي پڻ درست ڪيو ويو، ويڪرو ڪيو ويو ۽ چَوڏاري 6 فوٽ جو پڪو .R.C.C روڊ ٺهرايو ويو، مٿي پرائي 1.5 ft مٿي ڪيو ويو، واٽر پروف جو ڪم ڪرايو ويو ۽ ڪلر ٽچ اَپ ڪرائي ويئي وغيره وغيره. مٿين سيني ڳالهين سرڪل جي گيٽ اَپ ۾ زبردست سُڌارو آندو آهي. ٽوٽل لڳ ڀڳ 6 لک خرچ ٿيا آهن ۽ Rs. 75,000 مون پاران لون ڪنيو ويو آهي. پر سرڪل جون ڪافي گُهرجون پوريون ڪيوسين. ڪمائي فرنٽ تي جِم ۽ آڊيٽوريم بُڪنگ پڻ ٺيڪ آهي. خرچ نڪرندو ڇڪي ڇِڪي. خرچ وڪاس تي ڪافي ٿي رهيو آهي. پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس جيتوڻيڪ بيحد ڏکيو آهي. ڪابه سنسٿا بنا ڏونيشن نه هَلي سگهندي. اُنهن کي ڏونيشن وٺڻي ئي پوندي، جو اَسان جون مشغوليون ئي اَهڙيون آهن جنهن مان اُپت جي اُميد گهٽ آهي. ۽ ٻيو اُلهاسنگر سنڌيت جي خيال کان ڏاڍو ڦِٽندي فاسٽ ٿي رهيو آهي. حالتون سُٺيون ناهن. ستيه سائين آرگنائيزيشن جا پروگرام، آرٽ آف لِوِنگ وارن جو 5 ڏينهن جو پروگرام، هاڻ وري هن سال 24 ,23 ڊسمبر اَنٽر ڪاليج ڊراما چٽاپيٽي جو ڪاريه، سنڌي چوُنڪي، مهني جي هر آخرين چنڇر ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪاريه هِت ٿين پيا ٿا. 6 جنوري دهلي سنڌي اَڪاڊمي پاران ايم. ڪمل تي پروگرام، ايم. ڪمل، ايسر پارواڻي جي ڪتاب جو مهورت وغيره ٿيا ۽ ڪلاڪار پورو فائدو وٺڻ لاءِ پرئڪٽس لاءِ سرڪل ڪم آڻين ٿا. ٿوري ۾ سرڪل هن وقت نڪ آهي.

گذريل سال جي آڊِيٽيڊ بئلنس شيٽ چندر هٿان موڪليان ٿو.

نظر مان ڪيندا ۽ اَسان لاءِ ٻي ڪابہ آگيا هجي تہ ضرور لکندا. جيئن جيئن سنستا وڏي ٿي تيئن تيئن تڪليفون بہ پيدا ڪري رهي آهي. جنهن جو ذڪر مون گهٽ ڪيو آهي. نوان ڪاريہ ڪرتا ڪانهن. ڪم ڪندڙ وڃن ٿا گهٽجندا ۽ نيون سنستائون کوليندا. سيني کي اَڳواڻي کپي ۽ فاسٽ سنمان سٽڪار کپي. ڪير بہ گرائونڊ ورڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. توهان جي دوُردرشٽي، مالي مدد ۽ سهڪار سبب مان ايترو ڪم ڪري سگهيو آهيان ۽ هن سنستا کي اَول نمبر بڻائڻ ۾ توهان جو يوگدان هميشه ماڻهون ياد رکندا. وڌيڪ مون لاءِ ڪا آگيا هجي تہ لکندا. ڏياريءَ جون واڌايون موڪليون هيم، پهتي هوندي. وڌيڪ سڀ سُک آهي.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر دنگواڻي.**

✍ 18-06-2008

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

ايشور جي ڪرپا توهان مٿان رهي ۽ صحت ۾ سگهارا ڪلمڪہ رهو، اَهڙي پريوءَ در پرارٿنا.

بيحد دک سان خبر ٿو ڏيان تہ 15 تاريخ شري گوپ ڀراڻيءَ جو سرڳواس ٿيو ۽ ڪالهہ پڳڙيون رکيل هيون، جنهن ۾ هزار ڪان مٿي حاضر رهيا ۽ اَرٿيءَ سان پڻ شهر جا سڀ مکيہ ماڻهون هڪ هزار ڪن هئا ۽ آخرين وِدائي سني نموني سان ڏني ويئي ۽ سرڪل پاران پڻ دل سان ڪيس شرڌانجلي پڳڙين وقت ڳالهائڻ ۾ ڏني ويئي.

پريزيڊنٽ جي پوسٽ خالي ٿي ويئي ۽ هاڻ ٿي اُن لاءِ چوُپچوَ چالو ٿي ويئي آهي شهر ۾ ۽ ميمبرن ۾. ڪجهہ ويچار ومرش بہ ڪيو ويو آهي پر as personal. توهان جو ويچار ڇا آهي؟ اَهڙي

ويچارڌارا ظاهر ڪندا ته مهرباني. وڏيڪ بورڊ وجود ۾ جلد آڻجي، اَهڙو ضروري آهي. پاور مونکي ڏنا ويا آهن، جنرل باڊيءَ ۾ پر مان ڪم آڻڻ نٿو چاهيان. مان چونڊيل عيوضي آهيان. منهنجو، ڪمل جو، نند جو شخصي رايو آهي ته توهان هِت جڏهن روبرو هاڻ ڪڏهن اَچو ته اِن ڪي توهان فائينل ڪيو.

ترقي وڏيڪ ٿي ويئي آهي، اِئين نه ٿئي جو ڪي نوان اَچي ڪم ئي ڊاهي ڇڏين. اَهڙو ڏر اَسانکي آهي جو شهر جو وايومنڊل ڏاڍو خراب آهي ۽ ڪم ڪندڙ تمام گهٽ، رت ڏيندڙ گهٽ پر ڪُرسي واارڻ لاءِ هڪدم تيار.

مون ڪي سنستا ڪي هلائڻ ۾ ڪافي تڪليفون ٿيون اَچن. سڀ ذري گهٽ ساڳئي عمر جا آهيون، اِنڪري تون، تون، مان، مان وڏيڪ ٿي ٿئي. اِنڪري توهان بزرگ جي رهنمائي ۽ ڳالهائڻ ضروري آهي.

مُنهن ڏيڻ چاهيندو آهيان. مُڙس ٿي مُنهن ڏيان پيو. توهان سان 4 سالن ڪان پرسنل ملاقات نه ٿي سگهي آهي. توهان ڪي وڏيڪ چوڻ پڻ اَسانکي واجب نٿو لڳي. هاڻ رهنمائي جي ضرورت آهي. جيئن اَڳيان جي سرڪل سنا قدم ڪڍي سگهي. پريتم ورياڻي سنڌالاجيءَ جا پنج ڏينهن سرڪل ۾ رهي ويا ۽ ڪافي اُنهن سان ڪڇهري ٿي. لوڪ سنگيت رڪارڊ ڪرڻ آيا هئا. اَسان جي گيسٽ هائوس ۾ رهيل هئا ۽ ڪافي مالي حالتن، Constitution، Working وغيره تي بحث ٿيو. باقي پوءِ ڪا آگيا هجي، ويچار هجي ته لکندا.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

04-03-2009 ✍

پريہ دادا شري مورجمل منگھناڻي،

ايشور در پرارٿنا تہ توهين مُسڪرائيندا رهو ۽ صحت ۾ سالم رهو ۽ ڪٽنب سان بُلندين کي حاصل ڪريو. فون تي توهان سان ڳالهائڻ ٿيو. دادا لڇمڻ داس پڳڙاڻي کي خط لکيو اَٿم. ڪاپي توهانکي موڪليان ٿو. شري ديال هرجاڻي کي پڻ ڪالهہ فون ڪيم ۽ چيٽي چنڊ جي پروگرام ۾ شامل ٿيڻ لاءِ عرض ڪيومانِ ۽ ڊونيشن موڪلڻ لاءِ ۽ ٻين کان بہ وٺي ڏيڻ لاءِ ۽ رهيل ڪمن بابت پهرئين ماڙي تي جتي آرٽ آف لِونگہ جو ڪلاس ٿو هلي، ڳڙيون ٿين ٿيون ۽ ٻيا پروگرام، شاديون وغيره ٿين پيئون تہ اُن کي پتري جي شيڊ تي چار لک ۽ پڪو .R.C.C تي اَٺ لک خرچ ايندو. ويچار تہ Closed Auditorium جو هئو ۽ 90 لک جو پروجيڪٽ هو. پر سفيد هاٿي پالڻ برابر ٿيندو. اِنڪري idea ڊراپ ڪئيسين. بلڊنگہ ۾ پڻ رهيل ڪم جي ڪيس جاڻ ڏني. روز جو خرچ ڪيڏون پيا. وڪاس پئسا ٿو ڪائي. چيو اَٿائين، نانڪ آسناڻي ممبئيءَ ۾ رهندا آهن، اُن سان لهہ وچڙه ۾ اَچو تہ سوچينداسين.

ڪين چيٽي چنڊ جي پروگرام ۾ يا ڪنهن بہ وقت اَچڻ جو نوتو ڏنو اَٿم. وڌيڪ دادا لڇمڻداس سان روبرو ڳالهائيندا تہ مهرباني. اَسان جو هڪ ميمبر ڪنعيو ايسراڻي ڊبئي اَچي رهيو آهي ۽ شايد توهان سان ملي. ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي تہ چوندا. وڌيڪ هريِ اِڇا.

توهانجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

جنرل باڊي جي ميٽنگہ پهرئين فيبروري تي ويئي، جتي اِهو فيصلو بينو تہ جِن جي عمر 60 سال يا مٿي آهي ۽ لڳاتار تي ٽرم ڪاميٽي ميمبر تي رهيو آهي ۽ چوٿون ٽرم (10 سالن کان مٿي) هلي پيو، اُن کي Senior Upper House Trustee ڪري ڪنيو وڃي.

هڪ قسم جو بورڊ ئي چئجي، جن لڳاتار شيوا ڪئي آهي، اُنهن لاءِ ۽ خالي جڳهين تي پوءِ نوجوانن کي پيري سگهجي ٿو ۽ پُراڻن کي بہ ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت نہ پوندي. ٻن کي Co-opt ڪيو ويندو. اَهڙا 14 ڄڻا هاڻ آهن. بورڊ (Seniors) کي صرف سُجهاءَ ڏيڻ ۽ پاليسي مئٽر تي ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي گائيڊ ڪرڻو آهي ۽ اُنهن کي ڪو پاوَر نہ آهي. بورڊ 2/3 جنرل باڊي جي رايي سان مٽائي سگهجي ٿو. بورڊ ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي ميمبر پڻ رهي سگهي ٿو. وڏيڪ روبرو يا فون تي. هن ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو مدو 2010 تائين ۽ 2011 ۾ اِليڪشن ڪبيون. سُجهاءُ ڪو هجي تہ ٻڌائيندا.

فيصلو اِهو آهي تہ شري ديال هرجاڻي ۽ هِت جو فائونڊر مدن برجواڻي کي Co-opt ڪيو وڃي.

سرڪل جو چئرٽي شو چنچر 4 اَپريل تي رکيو ويو آهي.

✍ 15-08-2012

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

توهين خوشمزاج رهو، صحت ۾ سالم، اَهڙي ڏڻيءَ در پرارٿنا. اَڄ 15 آگسٽ صبح جو سرڪل ۾ ٺيڪ 9.27 بجہ جهنڊي سلامي ڪرائي ويئي. ڪافي ٻين سنسٿائن جا ڪاريہ ڪرتا، سرڪل ميمبر گڏجي هڪ ڪلاڪ ديش ڀڳتيءَ سان ڀرپور پروگرام ٿيو. ڪافي پرائمري اسڪول جا ٻار لڳ ڀڳ 600 هئا. مٺائي جو پڙو ۽ وڏن لاءِ نيرڻ.

هاڻ رات جو فُرصت ملي آهي ۽ ڪافي وقت کان توهان سان لکڻ رستي حال اَحوال نہ ٿيو آهي جو هڪ تمام سنو ذريعو آهي. آڊيٽيڊ سرڪل جي 2011-2012 جي بئلنس شيٽ تيار هئي جا توهان کي موڪلٽي هئي تہ سوچيو ڏنگواڻي، دادا کي خط بہ لکہ.

سرڪل سک سان 50 سالن جا ڪافي پروگرام ڪيا ۽ سرڪل جو ڪافي نالو مشهور ٿيو ۽ سرڪل کي به اَوارڊ به مليا آهن. چئرٽي شو اُميدن کان تمام تمام گهڻو ڪامياب ويو. نه صرف مالي سهايتا ۾ پر خاص ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ ڪڏهن به ايڏي رَش سرڪل ۾ نه ٿي هئي. 1500 ماڻهو آيا. هونءَ لڳ ڀڳ 800 ايندا آهن. سرڪل جو Summer Show ٻارن جو ڦهريون ڀيرو ٽائون هال ۾ رکيو ويو، اُهو پڻ ڪچاڪچ ڀريل رهيو، جتي سنڌي ليڊي ميئر آشا عيدناڻي ۽ چندر پڻ حاضر هو ۽ چندر کي ٽرافي عطا ڪئيسين. ٻنهي پروگرامن جون .C.D چندر کي موڪليون آهن.

چئرٽي شو مان هن سال گذريل سال کان ٻيڻا پئسا ذري گهٽ 12 لک سرڪل کي هن دفعي مليا، جو هڪ اَهڙو رڪارڊ آهي جو ڪڏهن ٽُٽڻو نه. اِن سيني ڳالهين ۾ توهان جي ۽ ٻين ميمبرن جي خوب محنت آهي.

سچ پچ 50 سال سرڪل لاءِ خوشي ڪٺي آئي آهي. پر جوابداريون وڏي ويون آهن. ماڻهن جون اُميدون پڻ. سڀ اَسان ۾ وڏيون اُميدون رکن ٿا. هرڪا سهوليت مفت ۾ گُهرن ٿا. هن سنسٿا کي ڇڏي گهٽيون سنسٿائون بس اِئين ڪاڳر تي آهن. گوڙ وڏيڪ ٿيون ڪن پر ڪم صفا ٿُنتي. صرف پيپرن ۾ نيوز ۽ فوٽا.

سنڌيت ۽ ٻوليءَ لاءِ ٻاهران ڳالهائڻ، جلسا ڪري واسطا وجهڻ، هائو بڪيڙڻ ته تمام گهڻو، پر Seriously ڪم ڪرڻ، هڪ طريقي سان فائونڊيشن لاءِ ڪم ڪرڻ، Fundamental Work جيڪو ٻولي ۽ تهذيب کي بچائي سگهي، اُهو ناهي. هڪ ڊپ اَوشيه آهي ته نوجوان طبقو پروگرامن ۾ ڪونهي، نندي پيڙهي ته صفا نه. سنڌي اِسڪولن ۾ ٻار وڃن ٿا فاسٽ گهٽجندا. اِجهو هن سال کان نيو ايرا جهڙي مشهور اِسڪول سنڌي نرسري بند ڪيو. ڪارڻ ٻار پڙهڻ لاءِ ڪونه آهن. ڊويزن گهٽجندا پيا وڃن. سرڪاري پرائمري اسڪول ته صفا بند ٿي ويا آهن. ٻولي وڃي ٿوري ڳالهائڻ تائين بچي آهي.

شاعر ليکڪ لکن پيا، پر پڙهندڙ ڪٿي آهن؟ خرچ ڪاڳرن تي اَجايو. جلسا اَجايا، جي Basic ڳالهيون ندارد ٿينديون وينديون. حالتون سنڌيت لاءِ سٺيون ناهن، باوجود تمام گهڻن پروگرامن، خرچن، ڪتاب، .C.D، فلمون نڪرڻ باوجود. سرڪل وري بہ ڪلچر کي جيئري رکڻ ۾ اُلهاسنگر ۾ ڪافي ڪم پيئي ڪري ۽ ٻين کي پڻ همٿائي ۽ سڀ سهوليتون ڏئي ٿي.

اَسان هلون تہ پيا؛ پر لگن، جُنوُن، پيار مُحبت، Seriousness تمام گهٽ آهي. سڀ کي نالي جي وڏيڪ، فوٽو جي وڏيڪ، هار ۽ سنمان جي وڏيڪ، تڪڙي رِزلٽ جي وڏيڪ ۽ جتي نالو نہ ٿئي پنهنجو وقت نہ وڃائڻ جي فڪر آهي. اِنڪري لڳندو آهي تہ هيتري هڻ پٽ ڪَانپوءِ بہ ڇا اَسين پنهنجي ڪلچر کي بچائي سگهنداسين؟ سوال گهڙي گهڙي من ۾ اُٿي ٿو. جواب آشاجنڪ نٿو لڳي. پر تڏهن بہ ڪريون پيا ۽ ڪنداسين پيا.

وڏيڪ روبرو. مون لاءِ ڪا آگيا هجي تہ لکندا ۽ بس.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

✍ 02-05-2013

پريہ دادا شري مورجمل منگهناڻي،

آشا ٿو رکان تہ توهين صحت ۾ بلڪل ٺيڪ هوندا ۽ ايشور در اِها ئي پرارٿنا رهندي، توهين خوشمزاج رهو ۽ پنهنجي هلنديءَ هَلو.

ڪافي وقت ٿي ويو. شايد هڪ سال هڪ خط لکيو هُيم ۽ هاڻ وري. هِن سال جو چيٽي چنڊ پروگرام جو 13 اَپريل رکيل هيو، اُهو تمام ڪامياب ويو ۽ جهوُلڻ جي ڪرپا سان ڪافي رَش رَهي ۽ شهر جي سيني شهاڻين شخصيتن بهرو ورتو ۽ ڪافي سرڪل کي مشهوري، عزت مِلي. هِن سال ڊاڪٽر ديال آشا، ڊاڪٽر جگديش

لڇاڻي ۽ ميوزڪ اُستاد جٿرامداس هيراڻي جن کي لائيف ٽائيم اَوارڊ ۽ ڪشن رامناڻي اِسٽيج ڪلاڪار کي پڻ اَوارڊ عطا ڪيو ويو. ڪمار سوني پارٽيءَ ڪافي ڏوهه مچائي ۽ سنڌو جو مهورت پڻ شان سان ٿيو ۽ اُن سان گڏ هري چوئٿاڻيءَ جو پهريون Poetry جو ڪتاب ’اَدائون ۽ نِگاهون‘ جو پڻ وِموچن ٿيو.

اَئڊورٽائيزمينٽ فرنٽ تي لوڪل اِشتهار گذريل سال ڪان وڌيڪ مِليا. پر اَفسوس آهي تہ دبئي مان صرف ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جا 5 هزار ۽ جواهر گنگاراماڻيءَ جا 15 هزار مِليا. باقي ڪابہ اَئڊ نہ آهي. جيتوڻيڪ E-mails رستي 5 ڀيرا رِمائينڊر موڪلياسين. لڳي ٿو، اَڳ ڀان دبئي مان پئسي مِلڻ جي اُميد گهٽ آهي.

اَسان محنت ڪيون پيا پر سُڌارو ٿيندو، اَهڙي اُميد ڪانہ اَٿم. هِن ڪان اَڳہ گذريل سال پڻ اَهڙو ويچار ظاهر ڪيو هيم. سنڌيت هاڻ صرف ڳالهائڻ تائين بچي تہ بہ گهٽو ٿيو. ڪوبہ ڪاريہ صرف سنڌيت تي نہ هلندو ۽ سنسٿا. اُن کي ٻيون ڳالهيون پڻ ڪرڻيون پونديون. سنڌيت صرف خرچ گُهرندي، جو اَسان ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي تيار ناهيون. باقي ميلا ملاکڙا لڳندا رهندا، جنهن جو پوشيہ ناهڻ جو ڪم ناهي. نہ قوم ۾ طاقت آهي تہ سنڌيت تي ڪروڙن ۾ خرچ ڪري ۽ نہ اَسان کي سرڪار، جا اِن ڳالهہ جي چنتا ڪري. اِنڪري بيوَس ٿي هَلڻو پوندو ۽ ڪرڻو پوندو. سرڪل تہ هَلندي پر وڪاس نہ ٿي سگهندو. هيڏي وڏي جڳهہ وردان ڪانهي پر بوجهو آهي، جنهن جو خرچ ڪڍڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ڪاريہ ڪندڙن ۾ پئسي ڪڍڻ ۽ اُن سان گڏ وقت بہ ڏيڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪوڙو آهي. ڪوشش جاري آهي.

وڌيڪ دادا ديال هرجاڻي اَچڻ وارا هئا پر نہ آيا. شري پڳوان شولاڻي بورڊ تان اِستعيفا جو E-mail موڪليو. ميٽنگ ۾ رکيو ويو ۽ ميٽنگ يڪراءِ بحال ڪيو آهي تہ قبول ڪيو وڃي جي توهانجي

منظوري هجي. توهان ۽ چندر مٿان اِها جوابداري رکي ويئي آهي. چندر سان اِن باري ۾ مون ڳالهايو آهي ۽ شري شولاڻي سان پڻ.

کي اِشتهار ڊبئي جا اِئين ئي وِڌل آهن. هڪ اَل مايا جو، ٻيو روپ ٽي. ويرومل جو ۽ ٽيون شيونا جو، جي ڊونيشن ڏين ته ٺيڪ نه ته بِل ڪڍي چڏيندا‌س. جيئن توهان کي ٺيڪ لڳي. شري چندر جي معرفت سنڌو موڪليان ٿو. وڏيڪ هن سال توهان جو جنم ڏِن سرڪل ۾ گرانڊ اِسڪيل تي ملهايو ۽ وڏو باڊي بلڊنگ جو شو رکيو ويو جنهن جون .C.D چندر کي ڏنيون.

وڏيڪ ايشور جي مهر آهي ۽ اَسان لاءِ ڪا آگيا هجي ته لکندا.

توهانجو پنهنجو،

**سُندر ڊنگواڻي.**

نوٽ : هن سال توهاجي پڻ ڊونيشن ڪانه مِلي آهي.

# جيئن مورج منگهناڻيءَ ڪي
# مان سمجهو

زندگيءَ ۾ ڪڏهن اَهڙن شخصن سان گڏجاڻي ٿي ويندي آهي، جو زندگيءَ ڪي معنيٰ ملي ويندي آهي ۽ ڪجهه بڻجي ويندو آهي. اَهڙو هڪ شخص، نالو مورج منگهناڻي، پهرين ملاقات ۾ اِئين لڳو، اَسين هڪ ٻئي کي ورهين کان سُڃاڻون. مقصد ساڳيو سنڌيت، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ڪلچر، ورثو، ساڳيا ويچار، اُديش ۽ آدرش، يوجنائون ۽ ويچارڌارائون. اُٿڻ ويهڻ، سُپاءُ ۽ تول طريقو ٻه ساڳيو. هڪ سِڪي جا ٻه پاسا، فرق هئو ته عمر جو ۽ دؤلت جو. ڪٿي مان T.I.F.R جو ملازم ۽ ڪٿي مورج هڪ مشهور ڪمپني .I.T.L ۽ INTRA Group of Co. جو .C.E.O. پر مقصد ٻنهي جو ساڳيو سنڌي ساهتيه، ٻولي، نرتيه، ناٽيه، سنڌي سيپتا کي بچائڻ جو. اُن لاءِ هن ڳولهي لڌو مونکي ۽ مون ڳولهي لڌو اُن شخص کي جنهن جي مدد سان مان جيڪي سنڌيت لاءِ سپنا پئي ڏٺا پوري ڪرڻ جا. اُلهاسنگر سنڌين جي وڏي بستيءَ ۾ سنڌو يوٿ سرڪل، جوانن جي سرڪل 1979 ۾ پهريون سنڌو يون ڪڙي ڪرڻ جي تجويز ڪئي. اَڳوان سيڪريٽري هيس، خيال ۽ سپنو منهنجو، رام ڪرشن آڏواڻي ’راهي‘ جيڪي هندواسيءَ جو، پويون پيج ڪلچر لاءِ هو، اُن گهڙيءَ گهڙيءَ وڪاليت ڪئي ته سنڌو يون هوندو ته سنڌيت قائم رهندي ۽ بس جُنون چڙهيو. سنڌو يون ٿهندو. سرڪل جا 30-40 هزار خرچ ڪري ڇڏيا. ڪم ٻه نه ٿيو. پنهنجي اؤقات کان 5 فوٽ نه 100 فوٽ وڏو ٽپو ڏنو هُيم. ڪيسا خالي، ڪافي هڻ هڻ ڪرڻ ڪانپوءِ ٻه سال ۾ 10 هزار ٻه ڪنا نه ڪري سگهياسين. پنهنجي 6 مهنن جي پگهار ٻه دف ڪئي. هاڻ ڇا؟ ٻه سال

تي ويا. راهيءَ وٽ وڃي روئڻو رُئندو هُيس. چيائين، سندر وڃهون ٿا، هندواسيءَ ۾ اَپيل. اَپيل پيئي، اُميد تہ متان ڪو سورج نڪري. نراس هئاسين. اوچتو 20 ڏينهن ڪانپوءِ هڪ خط آيو، ITL جي ليٽر پئڊ تي ۽ اُن سان گڏ پنجين هزارن جو چيڪ. اَصل تاڪ لڳي ويا. ليٽر ۾ لکيل ساراه سنڌو پون ٺهرائڻ جي ۽ لکيائين، مان مورج، 15 ڏينهن ڪان پوءِ ممبئي اَچي رهيو آهيان. پتو لکيائين روز ووڊ هوٽل، تارديو ۽ فون نمبر. مون سان مِل. ڏنل تاريخ تي روز ووڊ ۾ فون ڪيم ۽ پنهنجي واقفيت ڏيئي دادا مورج سان سمپرڪ جي ڳالھ ڪئي. منهنجو فون ورتو ويو، گهر جو تہ نہ آفيس جو ئي نمبر هو. ٻئي ڏينهن فون آيو. سندر، مورج ٿو ڳالهايان. راهيءَ ڪان توهان جو احوال ورتو اَٿم. مان ڪنهن ڪم سانگي ڪولابا پيو اَچان، چو نہ تنهنجي آفيس 3 بجي اَچي مِلان. تو لاءِ هيڏانهن اَچڻ تہ ڏکيو ٿيندو. مان اَواڪ! دادا پَلِي اَچو. بي صبريءَ سان 3 بجي گيٽ وٽ اِنتظار. هڪ لنبي گاڏي گيٽ وٽ اَچي بيٺي ۽ لٿو هڪ رڄ مڙس شخص. مان سمجهي ويس تہ هيءُ آهن دادا مورج. پاڻ چيائين، مان مورج، تون سندر آهين نہ؟ مان ها ڪئي ۽ پيري پوڻ جي ڪوشش ڪئي. پيري پوڻ نہ ڏنائين ۽ چيائين سندر پيري پوائڻ مونکي نہ وڻي. هينڊ شيڪ بلڪل گرم جوشيءَ سان ٿي ۽ پاڪر. اِئين لڳو ڄڻ ورهين ڪان مِليل آهيون. سمنڊ ڪناري ۽ آفيس جي ويسٽرن ڪئنٽين ۾ بہ ڪلاڪ پنهنجي قوم - ٻولي - سيپتا ۽ سنڌيت کي ڪيئن بچائجي، ان تي ويچارن جي ڏي-وٺ ٿي. اَلائي چو ڪنهن وڏي عرصي ڪانپوءِ ڪنهن شخص سان ميلاپ ٿيو هو، جنهن ۾ سنڌيت، سنڌي ٻولي ۽ قوم لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جي اِڇا هئي ۽ مدد ڪرڻ جو پڪو اِرادو. مان الڙ هُيس ڳالهائڻ جو، Mature گهٽ، جذباتي وڌيڪ، پر ڏنم،

دادا اِئين ڏيکاري نہ ڏني تہ تون اَجان ٻار آهين.

مدد جو پڪو واعدو ڪيائين. چيائين، اَجا مان 15 ڏينهن هِتي آهيان. مونکي ٻن ڏينهن ڪانپوءِ فون ڪر ۽ روز ووڊ ۾ اَچج. پهرين ملاقات ۾ ئي مان سندس مُريد ٿي ويس. پُڇيائين، گهر ڪيئن ويندين؟ چيومانس، آفيس جي بس ۾. چيائين، ويهہ ڪار ۾، V.T. ڇڏيندو ٿو وڃان توکي. مان سُن ٿِي ويس ۽ پاوُڪ. ايتري پنهنجائپ مون سپني ۾ نہ سوچيو. اَهڙي دلدار شخصيت سان اَڄ تائين ملاقات نہ ٿِي آهي.

هفتي ڪانپوءِ ويس روز ووڊ ۾. چندر سان ملاقات ٿي. ساڳئي عمر سبب اِئين هڪ ٻئي جي ويجهو اَچي وياسين جو ڪو سنڌو نہ رهيو. دادا کي فون ڪيائون، سُندر آيو آهي. چيائين، اَندر موڪليس. دادا ٻئي روم ۾ هئا. ساڻس وري ڳالهائڻ ٿيو ۽ سنڌو پون جي سڄي رتا ڪيس ٻُڌائي. پهريان ئي شايد راهيءَ ڪيس ڪافي بريِف ڪيو هو. گهٽي ڳالهائڻ بنا يڪدم 20 هزارن جو سرڪل ناني چيڪ هٿ ۾ ڏنائين. اُن وقت جا 20 هزار اَڄ جي 5 يا 7 لکن جي برابر آهن. مان تہ اَواڪ رهجي ويس. چيائين، دبئي وڃي، اَجا ٻين کان بہ مدد موڪليندس. توهان سنڌيت لاءِ پنهنجو نوڪريءَ سان گڏ وقت ۽ پئسو ٿا ڏيو تہ اَسان جو ڪو فرض ناهي ڇا؟ ڪافي ڪجهہ ڳالهائڻ ٿيو. پتو پيو تہ دادا جا پريہ ليکڪ هئا گوبند مالهي، پوپٽي، ڪيرت، سندري. ڪين کهاڻين پڙهڻ جو، قِصن ۽ ناولن جو ڏاڍو شوُنق هئو. مون پُڇيو، تہ دادا اُهو وري ڪيئن؟ چيائين، ڏس اوڏر وصول ڪرڻ بهاني جِن سينين وٽ نوڪري ڪندو هيم، اُنهن 1954 ۾ مونکي دبئي موڪليو. دبئي اُن وقت رڻ پٽ هئي. نہ جايون سنيون، نہ

دڪان. نہ بجلي، نہ پاڻي، نہ ناٽڪ ۽ پڪچر گهر. 15-20 هزارن جي سمنڊ جي پرسان بستي. گرمي ۽ سورج جي تپت. ايتري قدر جو چمڙي سڙي وڃي. رات سڄي گرميءَ ۾ پگهر وهائي بہ پل ننڊ مس اَچي. اَهڙي ماحول ۾ ڏينهن ۾ ڏنڊو ڪري وندر لاءِ ڪتاب ئي تہ ساٿي هوندا هئا. اِئين پڙهڻ مليو، ڪين پريہ ليکڪن کي. ڏکين حالتن جو دادا مقابلو ڪيو آهي.

اَهڙين حالتن ۾ دادا پنهنجي محڪم اِرادي سان رهيا ۽ باه مان سون وانگر چمڪي نہ صرف پاڻ ترقي ڪري I.T.L. ڪمپني، جنهن جون شاخائون دنيا ۾ ڦهليل آهن، اُن جا چيئرمن ٿيا، پر جيڪي بہ سنڌي اُتي آيا، اُنهن کي دل سان مدد ڪئي اَٿائين. اَهڙو ڪو سنڌي جلسو دبئيءَ ۾ نہ ٿئي، جنهن ۾ دادا جي مدد جو هٿ نہ هجي. سنڌي ٻولي - سنڌيت - ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ - ڪلچر تي دادا دل کولي خرچ ڪيو آهي. اَهڙي ڪا سنسٿا ڪانهي، شاعر يا ليکڪ ڪونهي، ڪلاڪار ڪونهي، ڪا منڊلي ڪونهي، جنهن کي دادا مدد نہ ڪئي هجي. ڪتاب خريد ڪري ورهائڻ - ڪلاڪارن کي هند ۽ سنڌ مان دبئي گهرائڻ. رهائش، کاڌي-پيتي، آو ڀڳت ۽ گُهمائڻ جو خرچ بہ پاڻ ۽ پنهنجي ساٿين مٿان هموار ڪري.

I.T.L. جو گيسٽ هائوس دبئيءَ ۾ ۽ هندستان ۾ ممبئيءَ ۾ روز ووڊ هوٽل سنڌي ڪلاڪارن جو، ليکڪن جو، سنڌيت جي شيدائين ۽ ڪاريہ ڪرتائن جو رهڻ جو ٺڪاڻو ۽ دادا مورج ۽ چندر جي مهمانوازي. چندر کي هدايت تہ اِنهن ڪلا-پريمين جي سيوا ۾ ڪا ڪمي نہ اَچي.

هڪ قِصو ياد آهي چندر جي پٽ ۽ ڌيءَ جي شاديءَ جو. دادا جو چندر کي چيل هو تہ لِسٽ مهمانن جي ٺاهين تہ ڏسجي ڪوبہ ليکڪ، ڪلاڪار - سنڌيت جو ڪاريہ ڪرتا رهجي

نه وڃي. شاهوڪار رهجي ويو، معافي وٺنداسين، پر ڪلاڪار ٿين Emotional. اُهي رهڻ نه گُهرجن. وري حُب ڏسو. پاڻ دادا ۽ چندر هڪ هڪ ڪلاڪار کي ڪيڪاري آڇيان ڪيائون. واه دادا واه! توهان جي مهمانوازي. توهان جو ڪلاڪارن لاءِ پيار سِڪ، سنڌيت جي شيدائين لاءِ دل ۾ عزت unparallel آهي. شرڌا سان سِر جُهڪي ٿو وڃي. ۽ ڏِئي به ته ڏيکاري نه ڏئي ته مان پيو ڏيان. پاڻ ته ڏِئي پر دوستن يارن کان به ڏياري. مِٺن مائٽن کان به. هڪ ٻيو قصو ياد ٿو اَچيم. 16 اَپريل 2006 ۾ سنڌيت ڪلچرل سينٽر، جو سنڌو يوٿ سرڪل ٺهرايو هو، اُن جو مهورت دادا کي ڪرڻو هو ۽ سائين ڪاليرام کي قربائتي ڪوٺ ڏني ويئي هئي. قدرتي ڪو سنڌ جو مشهور ڪلاڪار طفيل ساجناڻي سائين ڪاليرام وٽ لٿل هئا ۽ اُهي پروگرام ۾ سرڪل ۾ آيا. شيڊول نه هئڻ باوجود اُنهن کي ڳائڻ جو عرض ڪيو ويو.

طفيل ڪلاڪار جيئن ڳاتو، بس نوٽن گهورڻ جي شروعات. پر دادا چُپ چاپ ۾ سندس قدر شناسيءَ طور ڳاني پوري ٿيڻ کانپوءِ 100-100 روپين واري پوري ٿپي 10 هزارن جي سندس کيسي ۾ وجهي ڇڏي. طفيل وائڙو ٿي ويو ۽ اُن ڏينهن کان سندس عاشق. چوڻ جو مطلب ته ڪڏهن ڏيکاري ۽ ٻڌائي دان نه ڪري. چُپ چاپ. سندس دان ڏيڻ جو طريقو به علحدو. دادا چوندا هئا، مندرن، ٽڪاڻن، ڌرمشالائن، ڪاليج، اِسڪولن ۾ سنتن لاءِ ڏيندڙ ته گهڻا، اَسان جي ڪلا لاءِ، ليکڪن ۽ ڪلاڪارن لاءِ، ڪلچرل سينٽر ٺهرائڻ لاءِ قوم جي ٻولي بچائڻ لاءِ، پنهنجي وجود بچائڻ لاءِ دان ڇو نه!!؟ اُن کي ڪير ڏيندو. پنهنجي سرڪار ته آهي ڪونه، پوءِ ڪير ڪندو. اَسان هلنديءَ وارن جو ڪم آهي پنهنجي ٻوليءَ کي بچائڻ. پنهنجي ورثي کي بچائڻ.

سنڌو يوٿ سرڪل پوءِ سنڌالاجي اِهي به سنسٿائون، جي

اَڃ اوچي ٻاٽ بينيون آهن ته اِن ۾ دادا جي بيحد مدد ۽ دوranديشي آهي. پوءِ هيءُ سندر ڊنگواڻي هجي يا لکمي کلاڻي، جيڪي بيحد سندس قريب رهيا آهن. اُنهن کي جيڪا پئسي جي ۽ اُن کان وڌيڪ جوڙجڪي نموني سان ڪم ڪرڻ جي صلاح ملي. اِنهن ٻنهي سنسٿائن کي ٽاپ تي پهچايو آهي. دادا چوندو آهي، توهانکي زمين آهي، جنهن کي زمين آهي، اُن کي آسٿان ٺاهڻ ۾ دير نه لڳندي.

دادا چوندا آهن، سنڌو يوٿ سرڪل، سنڌالاجي ۽ سيتا سنڌو يون سنڌيت جا تيرٿ ڌام آهن، لائيٽ هائوس آهن. جيسٿائين اِهي اسٿان آهن، سنڌيت رهندي. سندس ٽنهي سنسٿائن کي مدد آهي. ٻن جا ته هوُ مُربي آهن ۽ رهنمائي سالن کان پيا ڪن.

زمين جي ڳالهه تي دادا جا ويچار هئا ته هاڻ ته سنڌ هٿن ۾ نه رهي، زمين نه هئڻ سبب ته يتڪيل آهيون. دادا جي ڏاڍي پربل اِڇا هئي ته سنڌي گانڌيڌام کي پنهنجي سنڌ ٻڻائين. ڪارڻ سنڌ جو ويجهو - ڪڇي سنڌي ڳالهائيندڙ. خالي خالي ميلن ۾ زمين حاضر. آبهوا سنڌ واري ۽ پورٽ ٻه. اِن لاءِ پاڻ اُتي پلاٽ وٺي 1986-87 ڌاري بنگلو ٺهرايو. هِت نئين سنڌ ٺهي سگهي ٿي. پاڻ هر سال وئڪيشن ڪري ڊسمبر-جنوري-فيبروري، 15 کان 20 ڏينهن اُتي وڃي رهن. سنڌيت جي شيدائين سان گڏ آديپور ۾ سنڌالاجيءَ جو پايو وِڌائون ۽ چيئرمن ٿيا.

اُلهاسنگر-سنڌونگر، جيڪو سنڌين جي مِني سِنڌ ڪري چوندا آهن، اُن لاءِ ٻه ڪين بيحد پيار آهي. ڪجهه وقت هِت اَوائلي دؤر ۾ رهيا پڻ هئا. اِنڪري هُنن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ته جسلوڪ هاسپيٽل هتي ٺهي. وڏا اِسڪول ۽

ڪاليج تهن، پر گهٽن سببن ڪري اِئين نہ ٿي سگهيو. پر سنڌو يوٿ سرڪل کي ٿاڻ ۾ هِنن بانيڪارن کي دل وَ جان سان مدد ڪئي ۽ نتيجو اَڄ سنڌي سماج پڻ ڏسي رهيو آهي. اَڄ هيءَ سنسٿا سنڌين جي ڪلچر کي بچائڻ ۾ اَهم رول پيئي اَدا ڪري. هندستان ۾ سنڌي ڪلچر ۾ پهريون نمبر.

اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا ۾ انعامن جو ٻج دادا پنهنجي 5 هزار جي انعام سان وِڌو ۽ اَڄ ڪافي انعام ٻين ڀاران اَچي ويا آهن.

رام پنجواڻيءَ لاءِ دادا کي بيحد صدق هئو. ڪين سنڌين جو ايلچي چوندا هئا. اُن جي اوچتي وڃڻ سبب اُن ڪانپوءِ بہ دادا هن سينٽر کي مدد ۾ ڪابہ ڪمي نہ ڪئي ۽ اَهڙي تصديق وقت بہ وقت ٿاڪر چاولا ڪندا هئا.

دبئيءَ جي اِنڊيا ڪلب - اِنڊين هاءِ اِسڪول لاءِ شيخن کان پنهنجي رسوخ سان ساٿين سان گڏ ملي، زمين ورتي ۽ اُن جا اوائلي چيئرمن جي حيثيت ۾ ڪافي ڪارج ڪيو ۽ اُهي ٻئي سنسٿائون هن وقت دبئيءَ جون ٽاپ سنسٿائون آهن.

آشا چاند جي سنڌيت سنگت جا پڻ فائونڊر ميمبر ۽ دبئيءَ ۾ هر ميلي ۾، پوءِ ڇيٽي چنڊ جو هجي يا ڪو سنڌي ناٽڪ هجي، يا ٻئلي يا سنڌ جا ڪلاڪار، دادا جو هميشه ساٿ ۽ شرڪت پڻ. دادا جا ويجها ساٿي لڇمڻداس ڀڳراڻي، ديال هرجاڻي، سرڳواسي وکيومل شراف، ڊاڪٽر رام بخشاڻي ۽ 50 کان مٿي سنڌورقي نہ صرف سنڌو يوٿ سرڪل کي پر ٻين سنسٿائن کي ڪافي مدد ملي آهي. اُن لاءِ دادا کي شرف آهي. دادا نہ صرف سنڌيت لاءِ پر صحت جي کيتر ۾ آديپور ۾ پنهنجي پتا جي ياد ۾ وڏي هاسپيٽل ۽ لوناولا ۾ منگهناڻي ايلڊرس هوم جو پڻ پايو وِڌو آهي.

ٿئليسيميا جي سنڌين ۾ نِگري بيماريءَ تي پڻ ڪافي ڪجهه ڏنو آهي.

1998 ۾ سنڌو يوٿ سرڪل دادا جي نالي ۾ جمخانا جو مهورت ڪيو. اُن وقت دادا جي شخصيت تي ۽ وقت بہ وقت دادا جي باري ۾ سنڌي ودوانن ۽ عالمن - سياستدانن ڪهڙا رايا ڏنا آهن، اُنهن جي ٿوري ۾ وچوڙ ٿو ڏيان :

(١) لال ڪرشن آڏواڻي، ڊپٽي پرائيم منسٽر : اَپريل 2011 ۾ دهليءَ ۾ دادا کي انعام وقت چيو تہ دادا سنڌي قوم جو اَمُلهہ هيرو آهي، جنهن جي نسن ۾ سنڌيت ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي.

(٢) رام جيٺملاڻي : 2007 ۾ گلوبل سنڌي اَوارڊ ڏيڻ وقت جڏهن دادا جو 80 جنم ڏِن هو، 18-2-2007 تي اَنڌيري ڪلب ۾ اَوارڊ ڏيندي چيو، مان پڪي سنڌي، پنهنجي محبوب، سنڌين جي ٻوليءَ جي رکوالي دوست کي اَوارڊ ڏيندي فخر ٿو محسوس ڪريان.

(٣) ناري گُرسهاڻي : منهنجو دلبر دوست، هو هڪ مهان دانوير، برک واپاري، سماج سيوڪ، خدا ترس انسان آهي. چوندا آهن، هن جي رڳ رڳ ۾ سنڌيت ڀريل آهي. اَهڙن شخصن تي سنڌي جاتيءَ کي ناز آهي.

(۴) پروفيسر رام پنجواڻي : دلبر دوست، دلدار دانوير، سندس عرض تي، يا چئو، حُڪم تي، سرڪل جي سنڌو يون اُڏگهاٽن ۾ ڊبئيءَ کان سيڙي موڪليائين ۽ چيائين، توهان اَسان جا سرمور ۽ سنڌيت سنڌو يون توهان جي شڀ هٿن سان مهورت ٿيڻ گهرجي. نہ ڪري نہ سگهيس.

(۵) شيخ اياز : ڊبئيءَ ۾ ٻن ملاقاتن ۾ هينئيون شعر چيو، اُهو

سيٺ سنڌي مورچ - جيترو ميوو وڏيڪ اوترو جهڪيل - تهذيب سان - نوڙت سان ڀرپور - نالو اَتس مورچ.

(٦) هوندراج دکايل : ياءُ مورچ جي نالي جِمر جو نالو رکي رهيا آهيو، جنهن لاءِ مون کي گهڻو پريم آهي، آدر آهي، جيڪو مان ئي مان ۾ سنڌي سماج جي تن من ڌن سان شيوا ڪري رهيو آهي.

(٧) گوبند مالهي : سنڌين جي لائق شخصيت جي قدرداني آهي ۽ ٻئي طرف سنڌين جي تن من کي سنڌيت ۾ لڳڻ جو ڪاريه سر اَنجام آهي.

(٨) ڊاڪٽر ستيش روهڙا : سنڌين ۾ ڌنوان تہ گهڻا ئي، شاهوڪار تمام ٿورا. ڌنوان اُهو آهي جنهن وٽ ڌن آهي، پر شاهوڪار اُهو آهي جنهن وٽ شاه جهڙي دل بہ هجي. ياءُ مورچ لاشڪ شاهہ جهڙي دل رکندڙ شاهوڪار آهي. ڌنوان کي شاهوڪار ٿيڻ جي صلاح ڏني آهي.

لال پشپ، جئرام روپاڻي، ٻلديو مٽلاڻي، هري موٽواڻي، ايم. ڪمل، ڪيرت ٻاٻاڻي، ناڪر چاولا، نند ڇڳاڻي، پريم تولاڻي، شنڪر لالواڻي، رام جوهراڻي، سنڌي اَڪاڊمي موتي لعل جوتواڻي، دهلي، وشني ايسراڻي، گانڌيڌام جو ميئر، ڳايڪ ڪلاڪار، پڻ ڪافي ڪجهہ مورچمل لاءِ سنديش ۾ چيو.

ڦهريون ليک سنڌوءَ ۾ 1986 ۾ دادا تي سندر ڊنگواڻيءَ پاران آيو، اُها مخزن دادا کي اَرپڻ ڪئي ويئي هئي. جنهن ۾ لکيو ويو، اَدب نواز دوست مورچ منگهناڻيءَ کي جنهن جي سوجهہ ٻوجهہ سنڌي ساهتيہ، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ ۾ هڪ ڀيرو وري نئين جان ڦوڪي رهي آهي.

1987 سنڌو جي ڪوَر ۾ دادا کي سنڌيت جي وڻ جو

مضبوط ٿر ڏيکاريو ويو آهي. 1995 جو سنڌو پرچو شاديءَ جو Golden Jubilee ۾ اَرپڻ ڪيو ويو. 1998 جو پرچو جِم وقت اَرپڻ ۽ 2005 جو شاديءَ جي ڊائمنڊ جبليءَ ۽2006 سنڌيت ڪلچرل جو سندس شپ هٺن سان مهورت. اَڄ هيءُ سيمينار سندس 89 جنم ڍِن جي موقعي تي هڪ سچي سنڌيت جي سپهه سالار کي سلامي آهي، اَسان پاران، سنڌو يوٿ سرڪل پاران.

آخر ۾ :

ٻن شخصن منهنجي زندگيءَ تي گهرو اَثر ڇڏيو آهي. هڪ پروفيسر R .V. Sitaram (T.I.F.R. جا) جنهن روزي روٽي نه ڇني وڃي، اُن لاءِ مون جهڙي Militant، يونين ليڊر کي ڪافي پيرا ڊِسمِس ٿيڻ کان بچايو. مان آفيس ۾ گهٽ، پبلڪ فيلڊ ۾ وڌيڪ. هُن مونکي برداشت ڪيو ۽ پنهنجو پُٽ سمجهي زندگيءَ ۾ قدم قدم تي رهنمائي ڪئي. جنهن لاءِ مان ڪجهه به ڪري سگهان ٿو.

ٻيو شخص دادا مورج منگهناڻي، جنهن پڻ سنڌيت ۾ مونکي گائيڊ ڪيو. پڳ پڳ تي رهنمائي ڪئي. مونکي هر ڪاريه ۾ مدد ۽ ڪڏهن پئسي جي کوٽ جو اَحساس نه ٿيڻ ڏنائين. مون تي ڪين وشواس هو. مان سندس پاڇو آهيان، سِڪي جو ٻيو پاسو. مورج وٽ جنم تہ نه ورتو، پر پتا سمان مان سمجهيو آهي ۽ اُن جو ڪوبه فرمان مون لاءِ آگيا جو پالن ڪرڻ برابر آهي. پر عجب اِهو آهي جو دادا ڪڏهن ڪنهن به ڳالهه ۾ مون مٿان زور بار نه آندو. ڪڏهن پيري پوڻ نه ڏنائين. پنهنجي پاڪيءَ ۾ رکيو اَٿائين. مون کي دادا لاءِ پاڻ کان وڌيڪ عزت آهي ۽ بس!!

(سنڌو-٢٠١٦)





Third Visit by Shri Murij Manghnani Chief Patron to see progress of Sindhyat Cultural Centre. WELCOME by members, M.L.A. Shri Pappu Kalani & other Dignitaries on 21/01/2005




4th Visit - Inauguration Of Sindhiyat Cultural Centre
At The Hands Of Dada Murijmal Manghnani On 16-04-2006



Inauguration Of Sindhiyat Cultural Centre 2006
Welcome Of Dada Murijmal Manghnani, Dayal Harjani & Other Guests



## سندر ٻنگواڻي

جنم 01-06-1946 (Good for all purpose)

Inter-Science
(AMIE) - Diploma in Mechanical Training Course
at TIFR (Tata Institute of Fundamental Research), Mumbai
Retired as HOD, Sameer IIT Campus Mumbai - Chemical Division
after 41 years of service.

سندر سان گڏ ڪم ڪندي 60 سالن کان وڏيڪ عرصو ٿي ويو آهي. وٽس سنڌيت وارو جذبو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. ٻين جي مُنهن تي مُرڪ ڪيس خوشي بخشيندي آهي. وقت تي پنهنجي ڪيسي کي ڇهڪ ڏيڻ ۾ دير نہ ڪندو. هيترو وقت مورجمل کي حال اَحوال کان واقف ڪندو آيو آهي. دانهن ڪوڪ ڪونہ آهي. هر خط ۾ مقصد کي اوليت آهي.

ڪيس ٻين مان ڪم وٺڻ جو هنر هٿ اَچي ويو آهي. پنهنجو پاڻ سُڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اُن سُڃاڻپ ڪانپوءِ ماڻهو ڌرماتما ٿيو پوي. عيب-ثواب جي هن پتلي پنهنجي ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. سرڪل جي شاهي بلڊنگ شهر جو شان آهي.

ها، ايترو ضرور آهي تہ هي خط وَن ٽو وَن (one to one) آهن. ڪٿي - ڪوڏي ڪوڏي راند وَن ٽو وَن يا وَن ٽو آل ٿيندي آهي. سندس من ۾ ڪجھ لڪائڻ لاءِ ڪونہ هوندو. سرخرو ٿيڻ لاءِ بہ ڪڏهن آتو ڪونہ رهيو آهي، پر اُتساھ ۽ گرمجوشيءَ ۾ هي سڀ ڪندو رهيو. پر مورجمل ان ڳالھ ڏانهن بلڪل سجاڳ رهيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ساهتيہ ۾ اِضافو ضرور آهي. هڪ نئين ليکڪ جي داخلا آهي. اُميد تہ هاڻ پنهنجيون يادگيريون لکڻ لاءِ سڌو رستو ڳولهيندو.

ننڌ ڇڳاڻي